BFAM

BE FRUITFUL AND MULTIPLY

# وڌو ۽ ويجهو

## بائيبل مقدس جي ڳجهن رازن کي ڳوليو

ان ڀرپور زندگي جي شروعات ڪريو جيڪا خدا توهان کي بخشي آهي



## عملي پڙهائي لاءِ بائيبل جو مددگار ڪتابڙو ۽ نصاب

### جنهن سان بائيبل جا ڳجها راز کلي ويندا

”هي سڀ ڳالهيون يسوع مسيح ماڻهن جي ميڙن سان مثالن ۾ ڪيون ۽ مثالن کان سواءِ هو انهن کي ڪجهه بہ نہ چوندو هو تہ جيئن نبيءَ جي معرفت جيڪي چيو ويو هو اهو پورو ٿئي تہ آءُ مثالن ۾ ڳالهائيندس ۽ انهن ڳالهين کي ظاهر ڪندس جيڪي دنيا جي شروعات کان ئي ڳجهيون رکيون ويون آهن.“ (متي 13: 34 – 35)

# وڌو ۽ ويجهو

## عملي مطالعو بائيبل جو مددگار ڪتابڙو ۽ نصاب

ناشر: ايوري هوم فار ڪرائيسٽ

EveryHome for Christ

ايوري هوم فار ڪرائيسٽ انٽرنيشنل

640 چيپل هلز ڊرائيو-ڪولوريڊو سپرنگز، CO 80920 آمريڪا

(719)-260-8888

BFAM@ehc.org

www.iBFAM.org

سمورا حق (2012) ايوري هوم فار ڪرائيسٽ نالي محفوظ آهن.

**هيٺين شرطن تي هن مواد جي نئين سر اشاعت ۽ ورهائڻ جي اجازت آهي:**

(1) لکندڙ يعني ايوري هوم فار ڪرائيسٽ جي خدمتن کي ساراهيو وڃي.

(2) ايوري هوم فار ڪرائيسٽ کي آگاهه ڪيو وڃي ته هن مواد کي ڪٿي ۽ ڪيئن استعمال ڪيو پيو وڃي.

(3) هن مواد جي تياري ۽ ڇپائي کان سواءِ ڪا به قيمت وصول نه ڪئي ويندي.

**هن مواد جي ترجمي ۽ ترميم لاءِ هيٺيان شرط پورا ڪرڻ ضروري آهن:**

(1) سمورن ترجمن کي ايوري هوم فار ڪرائيسٽ ذريعي ڪرايو وڃي.

(2) هڪ لکيل قسم نامي تحت سمورن ترجمن ۽ ڇپائي جا مالڪاڻا حق ايوري هوم فار ڪرائيسٽ نالي ڪيا وڃن.

(3) مواد ۾ ڪيل ترميم ايوري هوم فار ڪرائيسٽ تحت منظور ٿيل هجي.

(4) ايوري هوم فار ڪرائيسٽ کي مواد جي هڪ ڇپيل ۽ ڪمپيوٽرائيز ڪاپي موڪلي وڃي.

"وڌو ۽ ويجهو" جي سبقن جو بنياد شاگرديت تي رکيو ويو آهي ته جيئن هر سبق مان فائدو حاصل ڪري سگهجي. جيڪڏهن توهان "وڌو ۽ ويجهو" سبق استعمال ڪرڻ بابت گهربل سکيا حاصل نه ڪئي آهي ته مهرباني ڪري ايوري هوم فار ڪرائيسٽ سان رابطو ڪريو ته جيئن توهان سان گڏجي هڪ سکيا پروگرام منعقد ڪيو وڃي.

# مضمونن جي فهرست


- وڏو ۽ ويجهو جو تعارف ........ 3
- ڪهاڻين جو تعارف ........ 4
  - ❖ ڪهاڻيءَ کي جاچڻ ........ 5
  - ❖ ڪهاڻيءَ کي سمجهو ........ 6
  - ❖ حقيقتون ڳوليو ........ 7
- "وڏو ۽ ويجهو" جون انفرادي خاصيتون ........ 9
- وڏو ۽ ويجهو جي طريقہ ڪار جي وضاحت ........ 11
- سبقن جي مشق ........ 13
- شاگرد ناهڻ وارن گروپن جو قيام ........ 16
- بنيادي تعليم جو سلسلو ........ 17
- وڏو ۽ ويجهو ڪورس جي تياريءَ جا مرحلا ........ 18

مضمونن جو بنيادي سلسلو

- پهريون سبق: بنياد جو اهم پٿر ........ 20

  ميل ميلاپ وارا لاڳاپا
- سبق ٻيو: بنياد ........ 34

  مسيح ۾ قائم رهڻ
- سبق ٽيون: ڀِٽيون ........ 48

  ڀرپور زندگي
- سبق چوٿون: ڇت ........ 62

  بنيادي حقيقتون

# ”وڌو ۽ ويجهو“ جو تعارف

”وڌو ۽ ويجهو“ شاگرديت جي طريقي تي مشتمل ڪورس ۽ نصاب آهي، جنهن کي مسيح جا پوئلڳ ٿيڻ جي خواهشمند ماڻهن لاءِ تيار ڪيو ويو آهي ته جيئن کين خبر پوي ته اهي سچي ۽ زنده خدا سان خاص ناتا جوڙي سگهن ٿا. هن ڪتاب جو نصاب اهڙي نموني ناهيو ويو آهي ته جيئن مسيح جي پوئلڳن کي ان ڀرپور زندگي بابت ٻڌايو وڃي جيڪا کين يسوع جي وسيلي حاصل ٿي سگهي ٿي.

انسان کي هڪ ٻئي سان تعلقات لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي. سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته انسان نه صرف ٻين سان پر خدا سان ناتا جوڙي. گناهه سبب باهمي ۽ الاهي تعلق ٽُٽي پوي ٿو. اسان جا اهي ٽٽل تعلقات پاڻ ۾، باقي مخلوق ۽ خدا سان بي ربط زندگيءَ جو سبب بڻجن ٿا. اهوئي سبب آهي جو اسان کي هن دنيا ۾ جنگ ۽ جدل، ڏڪار، ظلم ڏک ۽ تڪليف، بيماري، بي انصاف حاڪمن ۽ سماجن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. گناهن جي پاڙپٽڻ ۽ خدا سان تعلقات بحال ڪرڻ جي سمجهه نه هجڻ سبب اسين مايوسيءَ واري حياتي گذارڻ تي مجبور آهيون.

خوشخبري اها آهي ته خدا گناهه کان ڇوٽڪاري ۽ تعلقات کي بحال ڪرڻ جو رستو ڏَسي ڇڏيو آهي. هن ڪورس جو مقصد ماڻهن کي اهو سيکارڻ آهي ته، اهي ڪهڙي نموني خدا جي ڪلام بائيبل مقدس مان اها خوشخبري پڙهن ۽ ڳولي سگهن ٿا. جيئن جيئن ماڻهو هن بائيبل مقدس جي ڪهاڻين ۾ لڪل خوشخبريءَ کان واقف ٿيندا ويندا. انهن تي بائيبل مقدس جي سچائين جو راز ظاهر ٿيندو ويندو. بائيبل مقدس جون اهي بنيادي سچائيون مسيح جي پوئلڳ شخص کي خدا سان پنهنجو تعلق اڃا وڌيڪ گهرو ڪرڻ ۾ مددگار ٿين ٿيون. بائيبل مقدس جي سچائين کي ڳولڻ جو جيڪو انداز هن ڪورس ۾ پيش ڪيو ويو آهي ان سان ماڻهن کي بائيبل مقدس پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ به مدد ۽ رهنمائي ملي ٿي.

بائيبل مقدس ۾ خدا انهن ماڻهن سان هڪ واعدو ڪري ٿو جيڪي پوري دل سان سچائيءَ بابت واقف ٿيڻ چاهين ٿا. “گهرو ته توهان کي ڏنو ويندو. ڳوليو ته لهي سگهو ٿا. دروازو ڪڙڪايو ته توهان لاءِ کوليو ويندو. ڇو ته جيڪو گُهري ٿو تنهن کي ئي ملي ٿو. جيڪو ڳولي ٿو سو ئي لهي ٿو ۽ جيڪو در ڪڙڪائي ٿو تنهن لاءِ ئي کوليو وڃي ٿو (متي 7:7 _ 8) وڌو ۽ ويجهو جو هي ڪورس ماڻهن کي گهرڻ، ڳولڻ ۽ ڪڙڪائڻ جو درس ڏي ٿو. اهو ماڻهن کي سيکاري ٿو ته بائيبل کي ڪيئن پرکيو وڃي ۽ ان مان الاهي سچائين کان ڪيئن واقفيت حاصل ڪجي. سچائي ته اها آهي ته خدا اسان جي گناهن جو ڪفارو ڏيئي ڇڏيو آهي ۽ هاڻي اهو اسان سان پنهنجو تعلق بحال ڪرڻ چاهي ٿو. اهي ماڻهو جيڪي نيڪ نيتيءَ سان الاهي سچائين جي ڳولا ۾ آهن ۽ بائيبل مقدس ۾ ٻڌايل سچائين موجب حياتي گذارين ٿا انهن سان واعدو ڪيو ويو آهي ته سندن خدا سان ڀيهر تعلق ٿي ويو آهي. جڏهن خدا سان ڀيهر تعلق ٿي وڃي تڏهن ئي ڀرپور حياتي حاصل ٿي سگهي ٿي.

هن ڪورس جو نالو “وڌو ۽ وِيجهو” رکڻ جو سبب اهو آهي ته خدا سان تعلقات ۾ حياتي گذارڻ جو پهريون قدم اها ڳالهه ڄاڻڻ ۾ آهي ته خدا اسان کي ڪارائتي حياتي گذارڻ لاءِ پيدا ڪيو آهي. خدا روحاني ۽ جسماني ٻنهي طرحن سان ڪارائتي حياتي گذارڻ لاءِ سڏايو آهي.

(ڏسو پيدائش 1:27 _ 28 ۽ متي 28:18 – 20) جيئن اسين پنهنجن جسماني ٻارن جي وڌي ٿيڻ تائين نگهداشت ڪريون ٿا تيئن ئي اسان جي ذميداري آهي ته مسيح جي پوئلڳ هجڻ جي حيثيت سان پنهنجن روحاني ٻارن جي به سار سنڀال لهون. مثال طور اهي ماڻهو يا شاگرد ٺاهيندڙ گروهه، جيڪي روحاني بلوغت حاصل ڪري چڪا آهن. اهي هاڻي خدا جي ڪلام موجب سچائي ۽ اختيار سان ٻين کي شاگرد ٺاهيندا ۽ سندن رهنمائي ۽ اصلاح ڪندا. “وڌو ۽ ويجهو” جو هدف ۽ قطعي مقصد بالغ ۽ ميويدار زندگين کي تيار ڪرڻ آهي. ڇو ته ميويدار زندگيءَ سان ئي روحاني طور وڌڻ ۽ ويجهڻ جو ڪم ٿيندو.

## ڪهاڻين جو تعارف:

هن ڪورس جو هر سبق بائيبل مقدس جي هڪ مختلف ڪهاڻيءَ تي مشتمل هوندو. يسوع پنهنجين ڪهاڻين ۽ مثالن بابت هيئن فرمايو تہ ”آئون مثالن ۾ ڳالهائيندس ۽ انهن ڳالهين کي ظاهر ڪندس جيڪي دنيا ۾ شروعات کان ئي ڳجهيون رکيون ويون آهن. “(متي 13: 34 – 35) خدا بائيبل جي انهن ڪهاڻين ۾ ڳجها راز رکيا آهن ۽ هو چاهي ٿو تہ اسين انهن رازن کي کوليون ۽ انهن کان واقف ٿيون.

هن ڪورس جي پڙهڻ واري طريقي سان نہ صرف توهين انهن ڳجهن کي کولي سگهندا پر انهن سچائين کي پنهنجي روزاني واري زندگيءَ ۾ بہ عملي جامو پارائڻ جي قابل ٿي ويندا. جڏهن توهين بائيبل جي انهن سچائين تي عمل ڪندا تہ خدا سان توهان جو تعلق اڃا وڌيڪ گهرو ٿيندو ويندو ۽ توهان جي زندگي محبت شادماني ۽ اطمينان سان پرجي ويندي. هيٺ بائيبل مان هڪ مثال جو ذڪر آهي جنهن مان توهان کي خبر پوندي تہ هن ڪورس جي پڙهائڻ وارو طريقو ۽ بائيبل جي هر ڪهاڻيءَ جي ڪهڙي اهميت آهي. بائيبل جي ڪهاڻي پڙهڻ کانپوءِ توهين نون (9) سوالن جو هڪ سلسلو ڏسندا جن جي مدد سان ان ڪهاڻي ۾ لڪل زبردست سچايون توهان تي ظاهر ٿي پونديون. ڪورس شروع ڪرڻ کان اڳ هڪ گهڙيءَ لاءِ ترسو ۽ خدا کان دعا گهرو تہ هو لڪيل سچائي ڳولڻ ۾ توهان جي مدد فرمائي.

**بائيبل جي ڪهاڻيءَ جو تعارف:** يسوع جي ساٿين کي اها خبر هئي تہ يسوع جو خدا سان هڪ ويجهو تعلق هو. هنن اڪثر ڏٺو هو تہ يسوع پنهنجو شخصي وقت خدا کان دعا گهرڻ ۾ لڳائيندو هو. کين اها بہ خبر هئي تہ يسوع جي خدا سان گهري قُربت آهي. تنهن ڪري ئي هو هر انسان کان وڌيڪ حڪمت ۽ معجزن جي صلاحيت رکندو هو. هڪ ڏينهن يسوع جي ساٿين کيس التجا ڪئي تہ کين دعا ڪرڻ سيکاري. سندن التجا جي جواب ۾ يسوع کين نهايت سادي دعا سيکاري تہ جيئن کين ٻڌائي تہ دعا ڪيئن گهربي آهي. دعا جي پڄاڻيءَ تي يسوع پنهنجن دوستن کي هيٺيون مثال ٻڌايو:

”پوءِ هن کين چيو تہ فرض ڪريو تہ اوهان منجهان ڪنهن کي ڪو دوست هجي ۽ اهو اڌ رات جو هن وٽ وڃي ۽ کيس چوي تہ اي دوست مون کي ٽي مانيون اڌاريون ڏي. چو تہ منهجو هڪ دوست مسافري ڪري مون وٽ آيو آهي ۽ مون وٽ هن وقت ڪجهہ بہ کونهي جو کٽي هن جي اڳيان رکان. تڏهن اهو دوست توهان کي اندران ورندي ڏي تہ مون کي تڪليف نہ ڏي. هن مهل منهنجو دروازو بند آهي ۽ آءُ ٻارن سان گڏ ستل آهيان. تنهن ڪري آءُ توکي اٿي ڪجهہ بہ ڏيئي نہ ٿو سگهان. آءُ توهان کي ٻڌايان ٿو تہ ٿي سگهي ٿو تہ هو توهان جي دوستيءَ باوجود نہ اٿي، پر هو بہ تہ دوست آهي جيڪو توهان جي گهڻي منٿن سبب اٿندو ۽ توهان کي جيتريون مانيون گهربل آهن اهي ڏيندو. تنهن ڪري ئي آءُ توهان کي چوان ٿو تہ گهرو تہ توهان کي ملندو، ڳوليندا تہ لهندو، دروازو کڙڪائيندا تہ توهان لاءِ کوليو ويندو. توهان مان اهڙو ڪهڙو پيءُ آهي جڏهن توهان جو پٽ توهان کان ماني گهري تہ پٿر ڏي؟ مڇي گهري تہ مڇي بدران نانگ ڏي؟ يا بيدو گهري تہ کيس وڇون ڏي؟ تنهن ڪري جڏهن توهين بڇڙا ٿي بہ پنهنجن ٻارن کي چڱي شئي ڏيڻ ڄاڻو ٿا تہ آسماني پيءُ پنهنجن گهرندڙن کي ڪيترو نہ وڌيڪ پاڪ روح ڏيندو؟ “(لوقا 11: 5_ 13)

هاڻي جڏهن توهان آڪاڻي پڙهي ورتي تہ اسين توهان کي ٽن (3) مرحلن مان گذاريندا سين. جن جي مدد سان توهين بہ بائيبل جي واضع سچائين کي ڳولي لهندا. انهن ٽنهن مرحلن مان هر هڪ مرحلي ۾ ٽي ۽ ائين ڪل نو (9) سوال هوندا. پهرين مرحلي ۾ توهين ڪهاڻي کان واقف ٿيندا. ٻئي مرحلي ۾ توهين ڪهاڻيءَ کي سمجهندا ۽ ٽئين مرحلي ۾ توهين ڪهاڻيءَ ۾ لڪل سچائين کان واقفيت حاصل ڪندا. هر مرحلي تي توهين دعا سان اڳتي وڌو. توهان کي جيترو وقت کپي توهان کي ملي ويندو.

# گُهرو

ان کان اڳ جو توهين بائيبل جي هن ڪهاڻي يا مثال جا ڳجهه ڳوليو ضروري آهي تہ پهرين توهين ان ڪهاڻيءَ کان ”واقف“ ٿيو. هر ڪهاڻيءَ ۾ ٽي عام خاصيتون هونديون آهن. انهن خاصيتن کانسواءِ ڪابہ ڪهاڻي مڪمل نہ هوندي آهي. اهي ٽي ضروري خاصيتون هي آهن:

1. ڪهاڻيءَ جا ڪردار ڪهڙا آهن؟
2. ڪهاڻيءَ ۾ انهن ڪردارن جا عمل ڪهڙا آهن؟
3. ڪهاڻيءَ ۾ ڪهڙا تفصيل آهن؟

جيڪڏهن توهين ڪهاڻيءَ جي ڪردارن، انهن جي عملن ۽ خاص تفصيلن کي سڃاڻي وٺو ٿا تہ پوءِ توهان ڪهاڻيءَ کان واقف ٿي ويندا. هاڻي اسين مٿي ذڪر ڪيل ڪهاڻيءَ مان ڪردار، سندن عملن ۽ تفصيلن کي سڃاڻڻ وڃي رهيا آهيون. هڪ پينسل سان ڪجهہ گهڙيون هيٺ ڄاڻايل ڪم ڪريو:

- هر ڪردار جي هيٺيان بہ پيرا لڪير جو نشان هڻو. ڪردار مان مراد آهي شخص. هڪ دفعو جڏهن توهان ڪي ڪردار جو نالو ملي وڃي تہ ڪهاڻيءَ جي ايندڙ حصي ۾ هن جي نالي هيٺيان لڪير جو نشان هڻڻ جي ضرورت ڪونهي.
- هر عمل يا فعل هيٺيان لڪير جو هڪ نشان هڻو. فعل مان مراد ڪوبہ ڪم يا عمل آهي.
- اهميت وارين تفصيلن کي لهرن واري لڪير ذريعي نشان هڻو. هيٺ هڪ نمونو ڏنو پيو وڃي تہ جڏهن توهين ڪهاڻيءَ جي لڪيرن جي مدد سان ٻن لڪيرن، هڪ لڪير يا لهرن واري لڪير ڏيندا تہ پوءِ اها هينئن ڏيکاءُ ڏيندي:

پوءِ يسوع کين چيو تہ ”پوءِ فرض ڪريو تہ اوهان منجهان ڪنهن کي ڪو دوست هجي ۽ هو اڌ رات جو ان وٽ وڃي ۽ کيس چوي تہ اي دوست مون کي ٽي مانيون اڌاريون ڏي ڇو تہ منهنجو هڪ دوست مسافري ڪري مون وٽ آيو آهي ۽ مون وٽ ڪجهہ بہ ڪونهي جو کڻي هن جي اڳيان رکان. تڏهن توهان جو اهو دوست توهان کي اندران ورندي ڏي تہ مون کي تڪليف نہ ڏي. هن مهل دروازو بند آهي ۽ آءُ پنهنجن ٻارن سان گڏ سُتل آهيان. تنهن ڪري آءُ توهان کي اٿي ڪجهہ بہ نٿو ڏيئي سگهان. آءُ توهان کي ٻڌايان ٿو تہ جيتوڻيڪ هو تہ توهان جو دوست هو تہ بہ نہ اٿيو پر هي تہ توهان جو دوست آهي جيڪو توهان جي گهڻين منٿن سبب اٿي ويندو ۽ توهان کي جيتريون مانيون گهربل آهن توهان کي اهي ڏيندو. تنهن ڪري ئي آءُ توهان کي چوان ٿو تہ گهرو تہ توهان کي ملندو، ڳوليندا تہ لهندو، دروازو کڙڪائيندا تہ توهان لاءِ کوليو ويندو. توهان مان اهڙو ڪهڙو پيءُ آهي جو جڏهن ڪائنس سندس پٽ ماني گهري تہ کيس پٿر ڏي؟ مڇي گهري تہ مڇي بدران کيس نانگ ڏي؟ بيدو گهري تہ کيس وڇون ڏي؟ تنهن ڪري جڏهن توهان بڇڙا ٿي بہ پنهنجن ٻارن کي سٺيون شيون ڏيڻ ڄاڻو ٿا تہ آسماني پيءُ پنهنجن گهرندڙن کي ڪيترو نہ وڌيڪ پاڪ روح ڏيندو.؟ (لوقا 11: 5_ 13)

هڪ ڀيرو جانچ پڙتال ڪري وٺو تہ توهان ڪهاڻيءَ مان 9 ڪردار ڳولي ورتا آهن يا نہ _ هن ڪهاڻيءَ ۾ هيٺيان ڪردار ملن ٿا:_

- يسوع
- توهان پاڻ
- توهان جو پهريون دوست جنهن کان توهان ماني گهري
- سفر ڪري آيل ٻيو دوست
- بستري تي سُتل ٻار
- گهُرڻ، ڳولڻ ۽ کڙڪائڻ وارو
- توهان جو پٽ
- آسماني پيءُ
- پاڪ روح

هاڻي توهين ڪهاڻيءَ کان واقف ٿي چڪا آهيو ڇو تہ توهان ڪهاڻيءَ جي ڪردارن، انهن جي عملن ۽ ڪن خاص تفصيلن کي سڃاڻي ورتو آهي. ٿوري دير لاءِ ڪوشش ڪري سموري ڪهاڻيءَ کي ڏسڻ کانسواءِ وڏي آواز سان يا دل ئي دل ۾ پڙهو. توهان کي جلد ئي خبر پئجي ويندي تہ توهين ان ڪهاڻيءَ کان واقف ٿي چڪا آهيو.

# ڳوليو

هاڻي جيئن ته توهان ڪهاڻيءَ کان واقف ٿي چڪا آهيو تنهن ڪري ضروري آهي ته توهان ڪهاڻيءَ جي اهميت ۽ مفهوم کي سمجهو. ڪنهن به ڪهاڻيءَ جي مفهوم کي سمجهڻ لاءِ بهترين طريقو اهو آهي ته هر ڪردار کي مختلف نقطء نظر سان ڏٺو وڃي. ان مرحلي تي هر ڪردار کي سمجهڻ لاءِ سندسن عادتن ۽ طور طريقن کي سمجهڻ ضروري آهي. ائين ڪرڻ لاءِ اسين ٽن سوالن جو هڪ ٻيو مجموعو استعمال ڪندا آهيون. هر ڪردار بابت هيٺيان ٽي سوال استعمال ڪريو:

4. هر ڪردار ڪهڙي جذبي کي ظاهر ڪري ٿو؟
5. هر ڪردار وٽ چونڊڻ لاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون متبادل صورتون آهن.؟
6. هر ڪردار جي چونڊ پويان ڪهڙا عمل آهن؟

مثال طور، جڏهن توهين مٿي ڄاڻايل ڪهاڻين جي ٻئي ڪردار، جيڪو توهان پاڻ ئي آهيو. جي طور طريقن تي غور ڪريو ٿا ته سوچيو ته جيڪڏهن توهين پنهنجي، دوست جي گهر اڌ رات جي وقت ماني گهرڻ وڃو ته توهين پنهنجي اندر ۾ ڪهڙي قسم جا جذبا محسوس ڪندا؟ ڇا توهين شرمنده ٿيندا؟ ڇا توهان کي ڏپ لڳندو؟ يا وري ڪنهن ٻئي طريقي سان محسوس ڪندا؟

ان ڪردار جي امڪاني اندروني جذبن جو اندازو ڪرڻ کان پوءِ غور ڪريو ته ان دوست وٽ ڪهڙيون متبادل صورتون موجود هيون. توهين پنهنجي ڪردار کي ئي ڪٿي ڏسو ته اڌ رات جو پنهنجي دوست کان ماني گهرڻ کانسواءِ توهان وٽ ٻيون ڪهڙيون متبادل صورتون ٿي سگهيون ٿي؟ ڇا توهان ماني گهرڻ لاءِ صبح جو انتظار ڪري سگهيا ٿي؟ ڇا توهين پنهنجي سفر ڪري آيل دوست کي ٻڌائي سگهيا ٿي ته توهان وٽ پيش ڪرڻ لاءِ ڪاڏو موجود ڪونهي؟ اسان مان هر ڪنهن کي پنهنجي زندگيءَ جي حالتن دوران اهڙين ڪيترين ئي متبادل صورتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ جيڪا صورت اختيار ڪئي وئي آهي. ان کانسواءِ ٻين صورتن کي پيش ڪان پوءِ جائزو وٺڻ سان ڪهاڻيءَ کي سمجهڻ ۾ ڪافي مدد ملي ٿي.

جڏهن توهان ڪنهن ڪردار جي مختلف متبادل صورتن جو جائزو وٺو ته توهان ڏسندا ته ان ڪردار جنهن ڳالهه کي چونڊيو ان جي پنيان سندس ڪهڙي نيت هئي. اسين جيڪڏهن ٻيهر پنهنجي ئي ڪردار تي غور ڪريون ته جيتوڻيڪ توهين ان رات جو پنهنجي دوست جي گهر وڃڻ لاءِ ڏپ ۾ هئا (جذبات) ته به توهان پنهنجي ڏپ کي وس ۾ ڪيو ۽ پنهنجي دوست جو دروازو کڙڪايو ته ان جي پنيان ڪهڙي نيت هئي. جنهن توهان کي ايتري همٿ ڏني جو توهان ڏپ کي وساري دروازو کڙڪايو؟ ڇا اها پنهنجي دوست سان محبت ۽ ان تي ترس اچڻ جي نيت هئي؟ ڇا توهان پنهنجي دوست جي انتظار ۾ هئا ته ان لاءِ اهو توهان جي فرض هو؟ ان چونڊ پنيان ڪهڙي نيت هئي؟

جذبات، چونڊ ۽ مقصدن بابت سوالن کانپوءِ توهين ڪهاڻيءَ کي سمجهڻ واري مرحلي مان گذري ويندا. هاڻي توهان کي ڪهاڻيءَ جي اهميت جي سمجهه اچڻ لڳندي. هاڻي ڪهاڻيءَ جي هر ڪردار لاءِ هيٺ ڏنل ٽي سوال استعمال ڪيا وڃن. مثال طور جڏهن توهان اڌ رات جو پنهنجي دوست کان ماني گهري ته ان وقت سندس جذبات ڪهڙا هئا؟ ڇا توهان جي دوست وٽ متبادل صورت موجود هئي ته توهان کي ماني ڏي يا نه ڏي؟ پوءِ پنهنجي دوست جو جائزو وٺي سوچيو ته جيڪڏهن هو توهان جي درخواست جي جواب ۾ توهان کي ماني ڏيئي ڇڏي ها ته سندس نيت ڪهڙي هجي ها.

هر ڪردار بابت جذبات، چونڊ ۽ مقصدن جي ٽنهي سوالن مان گذرڻ کانپوءِ توهين ڏسندا ته سموري ڪهاڻي توهان اڳيان جڻ جيئري ٿي ويندي. اڪثر اوقات اسين جڏهن ڪا ڪهاڻي ٻڌون ٿا ته اسين فطري طور محسوس ڪرڻ کانسواءِ ئي ان جي ڪردارن جي جذبات، چونڊ ۽ مقصدن جو جائزو وٺون ٿا. ڪنهن به ڪهاڻيءَ جو حقيقي مفهوم انهن ئي سوالن مان واضع ٿيو وڃي. انهن ٽن سوالن جي ڪري اسين ڪهاڻيءَ ۾ موجود سچائين کي ڳولڻ ۽ سمجهڻ جي قابل ٿي ويندا آهيون.

# ڪڙڪائڻ

هاڻي جڏهن توهين پهرين ۽ ٻئي مرحلي مان گذري ڪهاڻيءَ کان واقف ٿي ان کي سمجهي چڪا آهيو تہ هاڻ اسين ٽئين مرحلي يعني ڪهاڻيءَ ۾ لڪل حقيقتن کي ڳولڻ تي اچون ٿا. ياد رکو تہ ان مثال موجب، يسوع فرمايو تہ "گهرو تہ توهان کي ڏنو ويندو. ڳوليندو تہ لهندا، دروازو ڪڙڪايو تہ توهان لاءِ کوليو ويندو. ۾ پهرين مرحلي ۾ اسان ٿي سوال پڇيا هئا جن جي مدد سان اسين ڪهاڻيءَ کان واقف ٿي وياسين ٻئي مرحلي ۾ اسان هر ڪردار جي انداز عمل جي سڃاڻپ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، هاڻي ٽئين مرحلي ۾ اسين خدا جي دروازي کي ڪڙڪائڻ چاهيون ٿا ۽ اميد ڪريون ٿا تہ اهو دروازو کولي هن ڪهاڻيءَ ۾ لڪل رازن کي ظاهر ڪندو.

يسوع اسان کي سيکاريو تہ پاڪ ڪلام جي سموري تعليمات جو نچوڙ ٻن حڪمن ۾ ذڪر ڪري سگهجي ٿو. پهرين حڪم خدا سان پوري دل، جان، عقل ۽ طاقت سان محبت ڪرڻ، ٻيو حڪم ٻين سان پاڻ وانگر محبت ڪرڻ آهي. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ بائيبل جي هر ڪهاڻيءَ ۾ اهوئي هڪ ڳجهو مقصد ملي ٿو تہ جنهن سان اسين بائيبل جي انهن صحيح فڪرن ۽ عملن کي سکون ٿا. جن جي رهنمائيءَ ۾ اڳتي وڌڻ سان اسين. بهتر طور تي ڄاڻي سگهون ٿا تہ خدا سان پنهنجي پوري دل، جان، عقل ۽ طاقت سان محبت ڪيئن ڪريون ۽ ٻين سان پاڻ وانگر پيار ڪيئن ڪريون.

ٽئين مرحلي ۾ وڌيڪ ٽي سوال شامل آهن جن جي مدد سان بائيبل مقدس جي هر ڪهاڻيءَ ۾ موجود راز کلي پوندا. اهي سادا پر جامع سوال آهن:

7. ڪهاڻيءَ ۾ بائيبل مقدس جا ڪهڙا صحيح فڪر ۽ عمل ملن ٿا؟
8. هن ڪهاڻيءَ ۾ خدا بابت اهڙو ڇا آهي جنهن جي مدد سان پنهنجي سموري دل، جان، عقل ۽ طاقت سان محبت رکي سگهندس؟
9. هيءَ ڪهاڻي مون کي ٻين سان محبت ڪرڻ بابت سيکاري ٿي؟

**پڇڻ وارو سوال نمبر 1:**

ڪهاڻيءَ جو جائزو وٺي ٻڌايو تہ ان ۾ بائيبل مقدس جا ڪهڙا صحيح فڪر ۽ عمل ملن ٿا؟ ڇا اهو چوڻ سچ آهي تہ خدا چاهي ٿو تہ اسين گهرون، ڳوليون ۽ ڪڙڪايون؟ ڇا اهي بائيبل مطابق صحيح عمل آهن؟ هن ڪهاڻيءَ ۾ توهان کي ٻيون ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون ملن ٿيون جيڪي اسان کي صحيح فڪرن ۽ عمل بابت سيکارين ٿيون ؟ ڪجھ منٽ وٺي انهن جي فهرست تيار ڪريو.

**پڇڻ وارو سوال نمبر 2:**

توهين هڪ دفعو جڏهن بائيبل جي فڪرن ۽ عملن جي صحيح سڃاڻپ ڪري وٺو تہ ٻيو سوال اهو آهي تہ ان ڪهاڻيءَ ۾ خدا بابت اهڙو ڇا آهي جنهن جي مدد سان آئون پنهنجي سموري دل، جان، عقل، ۽ طاقت سان محبت ڪري سگهندس؟ ڪهاڻيءَ جو جائزو وٺي ٻڌايو تہ ڇا اهو چوڻ صحيح هوندو تہ هيءَ ڪهاڻي اسان کي سيکاري ٿي تہ اسين خدا کي هڪ سٺي پيءُ طور ڏسي سگهون ٿا؟ هيءَ ڪهاڻي اسان کي ٻيون ڪهڙيون ڳالهيون سيکاري ٿي جن جي مدد سان اسين خدا سان اڃان وڌيڪ محبت ڪري سگهنداسين.؟

**پڇڻ وارو سوال نمبر 3:**

آخري سوال اهو آهي تہ "اسين ٻين سان ڪيئن پيش اچون؟ ڪهاڻيءَ جو جائزو وٺي ٻڌايو تہ توهين ان مان پنهنجي لاءِ ڇا ٽا سکو؟ ۽ پوءِ اهو بہ تہ توهان کي ٻين سان ڪهڙو ورتاءُ ڪرڻ کپي؟ يسوع جو فرمان اهو آهي تہ اسان کي کپي تہ ٻين سان پاڻ وانگر محبت ڪريون.

---

---

---

**حاصل مطلب:**

جيڪڏهن توهين انهن 9 ئي سوالن کي بائيبل مقدس جي ڪنهن بہ ڪهاڻيءَ تي لاڳو ڪندا تہ ان سان توهان کي ان ڪهاڻيءَ بابت واقف ٿيڻ واسطي ڪافي مدد ملندي تہ ڪهاڻيءَ کي سمجهو ۽ آخر ۾ ڪهاڻيءَ ۾ لڪل ڳجهن رازن کي ڳوليو. انهن 9 ئي سوالن جو حاصل مطلب هيٺين ريت آهي:-

**ڪهاڻيءَ کان واقف ٿيو**

1. ڪردار
2. عمل
3. تفصيل

**ڪهاڻيءَ کي سمجهو**

4. جذبات
5. چونڊ
6. مقصد

**حقيقتن کي ڳوليو**

7. صحيح فڪر ۽ عمل
8. خدا سان محبت
9. ٻين سان محبت

## "وڏو ۽ ويجهو جون جدا خاصيتون"

توهين جيئن جيئن "وڏو ۽ ويجهو" جي سبقن ۽ پڙهڻ جي طريقن کان واقف ٿيندا ويندا تہ توهان کي خبر پوندي تہ هن ڪورس جو نصاب بائيبل پڙهڻ وارن عام ڪلاسن کان جدا خاصيتون رکندڙ آهي. هيٺ انهن چئن خاصيتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جن جي مدد سان توهان کي خبر پوندي تہ هي ڪورس بائيبل پڙهڻ وارن ٻين ڪورسن کان بلڪل جدا حيثيت رکي ٿو ۽ ڪيتري قدر اثرائتو آهي.

### 1- "وڏو ۽ ويجهو" بائيبل مقدس تي مشتمل نصاب آهي.

"وڏو ۽ ويجهو" جو هر سبق، بائيبل مقدس جي ڪهاڻيءَ مان کنيل آهي. ان جا سبق رڳو تعليمي ۽ ڳالهين کان هٽي نہ پر بائيبل مقدس جي ڪهاڻين ۽ مثالن مان ورتل آهن. جڏهن يسوع هن زمين تي آيو ۽ انسانن وچ ۾ رهيو تہ هن پنهنجن پوئلڳن کي ڪهاڻين ۽ مثالن جي مدد سان سيکاريو. اصل ۾ متي جي انجيل ٻڌائي ٿي تہ يسوع جو مثال ٻڌائيندو هو.

"اهي سڀ ڳالهيون يسوع ميڙ سان مثالن ۾ ڪيون، ۽ مثالن کانسواءِ هو انهن کي ڪجهہ نہ چوندو هو تہ جيئن جيڪو نبيءَ جي معرفت چيو ويو هو اهو پورو ٿئي تہ آءٌ مثالن ۾ ڳالهائيندس. آءٌ انهن ڳالهين کي ظاهر ڪندس جيڪي سموري دنيا کان ڳجهيون رهيون (متي 13: 34_ 35)

ان اقتباس ۾ يسوع اسان کي اها اکيون کوليندڙ ڳالهہ سيکاري ٿو تہ خدا ڇو ڪهاڻين ۽ مثالن ذريعي ڳالهائڻ جي چونڊ ڪئي. يسوع اهو چئي رهيو آهي تہ خدا پنهنجي فڪرن ۽ رازن کي ڪهاڻين ۽ مثالن ۾ لڪائي رکيو آهي.

جڏهن توهين بائيبل مقدس جو جائزو وٺندا تہ توهان کي خبر پوندي تہ ان جو ستر سيڪڙو (70%) حصو ڪهاڻين مثالن ۽ حقيقتن تي مشتمل آهي. ان سان واضع ٿيو وڃي تہ خدا ڪهاڻين ۽ مثالن ۾ وڏي اهميت ۽ قوت رکي آهي. وڏو ۽ ويجهو جي ناهيندڙن جاڻي واڻي ان ڪورس کي اهڙي نموني سان تيار ڪيو آهي. جو ان جا سبق ڪهاڻين ۽ مثالن تي مشتمل هجن تہ جيئن ان مقدس ڪلام کي سڀ کان پهريون درجو ڏنو وڃي. توهين هن ڪورس جي هر سبق ۾ ڏسندا تہ ڪن لفظن کانسواءِ باقي سمورو مواد سڌو سنئون بائيبل مقدس مان کنيو ويو آهي.

نصاب بہ بائيبل مقدس جي ڪهاڻين تي مشتمل آهي. ڇو تہ انهن کي ياد رکڻ ۽ اهي ٻيهر ٻڌائڻ گهڻو آسان رهي ٿو. جڏهن توهين بائيبل جي ڳجهن رازن کي ڳولي وٺو تہ انهن خاص دريافتن کي ياد رکو ڇا ڪاڻ تہ توهان نهايت گهٽي جاکوڙ کانپوءِ انهن کي ڳوليو آهي. وڌيڪ اهو تہ جيئن جيئن توهين بائيبل مقدس مان اهڙيون ڳالهيون ڳوليندا ويندا تہ اهي توهان جي شخصيت سان جڙنديون وينديون ۽ انهن کي ٻين تائين پهچائڻ آسان ۽ صحيح هوندو.

### 2- "وڏو ۽ ويجهو" جي طريقيڪار جو بنياد اجازت تي مشتمل آهي.

جيئن جيئن توهين هن ڪورس جي طريقيڪار کي سمجهندا ويندا توهان کي خبر پوندي تہ ان ڪورس توهان کي صحيح سوال ڪرڻ سيکاري ڇڏيو آهي تہ جيئن توهين خدا جي ڳجهن رازن کي پاڻ مرادو ڳولي سگهو. ان منظم طريقڪار ذريعي پاڪ روح توهان کي سيکاريندو تہ توهين خدا کان سچائي ۽ مڪاشفو ڪيئن حاصل ڪريو. اسين توهان کي همٿائيندا چونداسين تہ خدا جي ڪلام جي خوشخبري وارين ڳوليل ڳالهين کي ٻين تائين پهچايو. هن ڪورس ۾ توهان کي ڪليل اجازت آهي تہ:

- آزاديءَ سان پنهنجي باري ۾ سوچيو.
- آزاديءَ سان سوال ڪريو.
- آزاديءَ سان سمجهو.
- آزاديءَ سان پاڪ روح جي آواز کي ٻڌو.
- آزاديءَ سان ٻين تائين خوشخبري پهچايو.

## 3- ”وڏو ۽ ويجهو“ جو طريقيڪار ٻڌڻ تي رکي آهي.

اسين سموري بائيبل مقدس ۾ ڏسون ٿا تہ خدا چاهي ٿو تہ ماڻهو سچائيءَ جي ڳولا ڪن ۽ سچائيءَ کان واقف ٿين. خدا پنهنجي ڪلام ۾ رازن کي ڳجهو رکي ٿو تہ جيئن اسين انهن کي ڳوليون ۽ ڳولي لهون. ڪڏهن ڪڏهن ڳولڻ جي ان عمل سان اسان کي خبر پوي ٿي تہ انهن سچائين جي گهري معنيٰ ۽ شخصي اثر ڪهڙا آهن. هيٺ هڪ عام چوٽي لکي ويئي آهي تہ جيئن ڳولڻ جي عمل جي وضاحت ٿي سگهي.

- جيڪڏهن توهين مون کي ٻڌايو تہ آءٌ وساري ڇڏيندس.
- جيڪڏهن توهين مون کي ڏيکاريو تہ آءٌ ياد رکندس.
- جيڪڏهن توهين مون کي ان ۾ شامل ڪريو تہ آءٌ سمجهي وٺندس.

ڳجهن رازن کي ڳولڻ هڪ اهڙو عمل آهي جنهن لاءِ پر عزم نموني شامل ٿيڻ ضروري آهي. سچائيءَ بابت ڄاڻڻ لاءِ ضروري آهي تہ اسين ڳولڻ واري عمل ۾ ڀرپور طريقي سان شامل ٿي وڃون. الاهي رازن کي ڳولڻ جي بهترين طريقن سان هڪ طريقو گروه جي صورت ۾ شامل ٿيڻ آهي. جيتوڻيڪ توهين پنهنجي شخص مطالعي ذريعي بہ ڪهاڻين کي پڙهي سچائيءَ کي ڳولي سگهو ٿا. پر توهين هڪ ننڍي گروه جي صورت ۾ ڪهاڻين کي پڙهو تہ هڪ ٻئي سان گڏجي توهين وڌيڪ ڳالهين کي ڳولي سگهو ٿا.

## 4- ”وڏو ۽ ويجهو“ ڪورس جو طريقيڪار تابعداري جي اصولن تي ٻڌل آهي.

جيڪڏهن اسين ڪلام الاهي جي رازن جي سچائين کي پنهنجي زندگين تي لاڳو نہ ڪنداسين تہ انهن کي ڳولڻ جو شخصي زندگيءَ تي تمام گهٽ اثر ٿئي ٿو. هيٺيون اقتباس اسان کي ٻڌائي ٿو تہ جيڪڏهن اسين خدا جي شريعت ۽ سچائيءَ کي پنهجين زندگين تي لاڳو ڪنداسين تہ خدا کان برڪت حاصل ڪنداسين.

”پر ڪلام تي عمل ڪرڻ وارا ٿيو رڳو ٻڌڻ وارا نہ ٿيو جيڪي پنهنجو پاڻ کي ڌوکو ڏين ٿا. ڇو تہ جيڪو ڪلام جي ٻڌڻ وارو هجي ۽ ان تي عمل ڪندڙ نہ هجي اهو ان شخص وانگر آهي جيڪو پنهنجي قدرتي شڪل آرسيءَ ۾ ڏسي ٿو ڇو تہ هو پنهنجو پاڻ کي ڏسي هليو ٿو وڃي ۽ يڪدم وساري ٿو ڇڏي تہ آءٌ ڪيئن هئس پر جيڪو شخص آزاديءَ جي ڪامل شريعت تي غور سان نظر رکندو ٿو رهي اهو پنهنجي ڪم ۾ ان لاءِ بہ برڪت حاصل ڪندو. جو اهو ٻڌي وساري نہ ٿو بلڪ عمل ڪري ٿو.“ (يعقوب 1: 22 – 25)

” وڏو ۽ ويجهو“ جو طريقيڪار صرف ڳولڻ جي عمل تي زور نہ ٿو ڏئي پر ان ۾ شخصي زندگي جي لاڳو ڪرڻ جو واضع عمل بہ شامل آهي. اسين جڏهن هڪ دفعو الاهي سچائين کي ڳولي ٿا وٺون تہ ضروري آهي تہ اسين ان ڳالهہ کي بہ سمجهون تہ هاڻي ان مطابق زندگي ڪيئن گذاري وڃي.

(2) تيمٿس ۾ پاڪ ڪلام بابت ڇا لکيل آهي:

” هر هڪ صحيفو جيڪو خدا جي الهام مان آهي تعليم ۽ الزام ۽ سڌاري ۽ دينداريءَ ۾ سکيا لاءِ فائدي مند بہ آهي تہ جيئن مرد خدا ڪامل بنجي ۽ هر هڪ نيڪ ڪم لاءِ بلڪل تيار ٿي وڃي. (2 ـ تيمٿيس 3: 16 ـ 17)

غور ڪريو تہ ان اقتباس ۾ لکيل آهي تہ هر هڪ صحيفو ”فائدي مند“ آهي. ان جو مطلب اهو آهي تہ جيڪڏهن هر صحيفي کي لاڳو ڪيو وڃي تہ اهو تعليم ۽ الزام ۽ سڌاري ۽ دينداريءَ لاءِ فائدي مند آهن. تنهن هوندي بہ اهو اقتباس ان ڳالهہ جي ضمانت نہ ٿو ڏي تہ هر صحيفو پاڻ مرادي طريقي سان اسان کي تعليم ۽ الزام ۽ سڌاري ۽ تربيت ڏيندو. اسان جو پورو ارادو هئڻ گهرجي تہ ڪلام اسان کي تعليم ۽ الزام، سڌاري ۽ تربيت جي عمل مان گذاري. ان ڪورس جي پڇڻ واري عمل ۾ اسين اڳ ۾ ڪلام جي سچائين جي سڃاڻپ ڪريون ٿا تہ جيئن ڪلام اسان کي الزام سڌاري ۽ تربيت جي عمل مان گذاري. هيٺ ڪجهہ سوال آهن، جن جي ذريعي سان اسين الزام، سڌاري ۽ تربيت جي عمل مان گذرون ٿا.

- **الزام** (ماضيءَ جي باري ۾) بائيبل جي ڪهاڻيءَ مان جيڪي صحيح خيال ۽ عمل مون سکيا آهن ڇا منهنجا خيال ۽ عمل ان سان مطابقت رکن ٿا؟
- **سڌارو** (حال بابت) آئون ڇا ڪريان جو پنهنجي غلط خيالن ۽ عملن کي سڌاري سگهان؟
- **تربيت** (مستقبل بابت) ايندڙ دفعي جڏهن مون کي اهڙن صحيح بائيبلي خيالن ۽ عملن کي منهن ڏيڻو پوندو تہ پوءِ منهنجو رد عمل ڇا هوندو؟




## "وڌوءِ ويجهو" جي طريقيڪار جي وضاحت

## هر سبق جا پنج مرحلا

هر سبق پنجن مرحلن تي مشتمل آهي ۽ هر مرحلو ميوو آڻڻ لاءِ هڪ خاص پهلو جي نشاندهي ڪري ٿو.

### سبق جو موضوع ـ زمين جي تياري:

هر سبق جو مضمون اهڙي نموني تيار ڪيو ويو آهي جو توهين جڏهين به بائيبل مقدس ۾ خدا جي لڪل سچائين کي ڳولڻ شروع ڪريو ته توهان جي ذهن ۽ دل جي زمين تيار ٿي وڃي.

### بائيبل جي ڪهاڻي- ٻج پوکڻ

بائيبل جي ڪهاڻي هڪ ٻج وانگر آهي جيڪو دل ۾ پوکيو وڃي ٿو ته جيئن عمل ۽ سچائيءَ ۾ پوکجي ڦٽي ۽ وڌي. ڪهاڻيءَ کي پڙهڻ کان اڳ دعا ضرور ڪريو ۽ خدا کي چئو ته بائيبل مقدس جي سچائين کي سمجهڻ ۾ توهان جي ذهن ۽ دل کي کولي.

### ڳولا جو عمل- پاڻي ۽ پاڻ

هيٺين 9 سوالن کي استعمال ڪندي ٻج کي خدا جي ڪلام جو پاڻي ۽ پاڻ ڏيو ته جيئن ڪهاڻي ۾ موجود سچائين کي ڳولڻ ۾ مدد ملي. توهين پنهنجو پاڻ کي انهن ڪردارن جي جاءِ تي رکي جائزو وٺو.

1. ڪردار ڪهڙا ڪهڙا آهن؟
2. ڪهاڻيءَ ۾ هر ڪردار جا ڪهڙا عمل آهن؟
3. ڪهاڻيءَ ۾ خاص تفصيل ڪهڙا آهن؟
4. هر ڪردار کي ڪهڙو جذبن جو تجربو حاصل ٿي رهيو آهي؟
5. هر ڪردار وٽ چونڊ جون ڪهڙيون صورتون آهن؟
6. هر ڪردار جي چونڊ جو ڪهڙو مقصد ٿي سگهي ٿو؟
7. ان ڪهاڻي مطابق صحيح بائيبلي خيال ۽ عمل ڪهڙا آهن؟
8. هيءَ ڪهاڻي مون کي خدا جي باري ۾ اهڙو ڇا ٿي سيکاري جو آءٌ خدا سان پنهنجي پوري دل، جان، عقل ۽ طاقت سان محبت ڪري سگهندس؟
9. هيءَ ڪهاڻي مون کي پاڻ منهنجي باري ۾ ۽ ٻين بابت ڇا ٿي سيکاري جو آءٌ ٻين سان به اوتري ئي محبت ڪري سگهان جيتري محبت آءٌ پنهنجو پاڻ سان ڪريان ٿو؟

## وڌيڪ معلومات لاءِ حوالا – چند چاڻ

وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا ان ڪري شامل ڪيا ويا آهن تہ جيئن انهن غلط عقيدن کي روڪي سگهجي جيڪي ان ڪهاڻيءَ مان سمجهي سگهجن ٿا. انهن حوالن کي تفصيل سان پڙهيو وڃي تہ جيئن بائيبل جي چونڊيل ڪهاڻي بابت اڻندڙ سوالن جي جوابن ۾ مدد حاصل ڪري سگهجي.

## عملي سوال ۽ نتيجا: ميوو حاصل ڪرڻ

عملي سوالن ۽ حاصل بحث جي نتيجي جي مرحلي جي مدد سان هر ڪهاڻي مان مليل سچائين کي حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجين زندگين تي ان کي لاڳو ڪرڻ جي عمل ۾ مدد ملي ٿي. ڳولڻ واري عمل دوران جن صحيح بائيبلي خيالن ۽ عملن کي توهان ڳولي ڪڍيو انهن جي روشني ۾ هيٺين سوالن جا جواب ڏيو (تربيت)

1. **الزام (ماضي):** ڇا مون پنهنجي پوري دل، جان، طاقت ۽ عقل سان خدا سان محبت ڪئي آهي؟ ڇا مون پنهنجي پاڙيسريءَ سان پاڻ وانگر محبت ڪئي آهي؟
2. **سڌارو (حال):** آءٌ پنهنجن خيالن ۽ عملن کي ڪهڙيءَ ريت صحيح ڪري سگهان ٿو؟
3. **تربيت (مستقبل):** آءٌ پنهنجو پاڻ کي ڪيئن تيار ڪريان جو خدا سان پنهنجي پوري دل، جان، طاقت ۽ عقل سان محبت ڪري سگهان؟

”هر هڪ صفحو جيڪو خدا جي الهام مان آهي تعليم ۽ الزام ۽ سڌاري ۽ ديِنداري ۾ تربيت لاءِ فائدي مند بہ آهي تہ جيئن مرد خدا ڪامل ٿئي ۽ هر هڪ ڪم لاءِ بلڪل تيار ٿي وڃي“ (2: تيمٿيس 3: 16_ 17)

# اسان کي نعمتون عطا ڪيون ويون آهن

مشق 1

ماڻهو پنهنجون نعمتون ڪيئن ٿا استعمال ڪن تنهنجو ڪين خدا اڳيان حساب ڏيڻو پوندو.

## سبق جو موضوع – زمين جي تياري

بائيبل مقدس فرمائي ٿي تہ خدا ماڻهن کان انهن الاهي نعمتن جو حساب وٺندو جيڪي کين عطا ڪيون ويون آهن.

**مکيہ آيت:** ” تنهنڪري اسان مان هر هڪ کي خداوت پنهنجو حساب ڏيڻو آهي.“ (روميون14: 12)

## بائيبل جي ڪهاڻي – ٻج پوکڻ

تعارف معلومات مهيا ڪري ٿو تہ جيئن توهان کي ڪهاڻي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي.

يسوع پنهنجي شاگردن کي هڪ مثال ٻڌائي رهيو هو. مثال هڪ اهڙي ڪهاڻي هوندي آهي جنهن کي ڪو اصول سمجهائڻ لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

**بائيبل جي ڪهاڻي هتان کان شروع ٿئي ٿي:**

”يا وري آسمان واري بادشاهت انهيءَ ماڻهو مثل آهي جيڪو ٻئي ملڪ ڏانهن سير ڪرڻ لاءِ ويو پئي ۽ پنهنجن نوڪرن کي سڏي پنهنجي مال ملڪيت انهن جي حوالي ڪيائين. هن هر هڪ کي سندس لياقت موجب ملڪيت ڏني. هڪ کي پنج هزار چاندي جا سڪا ڏنائين، ٻئي کي ٻہ هزار ۽ ٽئين کي هڪ هزار ڏيئي پاڻ مسافري ڪرڻ هليو ويو. جنهن کي پنج هزار چاندي جا سڪا مليا تنهن وڃي انهن سان واپار هلايو ۽ پنج هزار ٻيا بہ ڪمايائين، اهڙيءَ ريت جنهن کي ٻہ هزار چانديءَ جا سڪا مليا تنهن بہ ٻہ هزار ڪمايا پر جنهن کي هڪ هزار چانديءَ جا سڪا مليا تنهن زمين ۾ کڏ کوٽي مالڪ طرفان ڏنل پئسا پوري ڇڏيا. جڏهن نوڪرن جو مالڪ سفر تان موٽي آيو ۽ انهن کان خبر وٺڻ لڳو تہ جنهن نوڪر کي پنج هزار چانديءَ جا سڪا مليا هئا، اهو يڪدم وڃي ٻيا بہ پنج هزار کڻي آيو ۽ مالڪ کي چيائين تہ سائين اوهان مون کي پنج هزار سڪا ڏنا هئا جنهن مان مون پنج هزار سڪا ٻيا بہ ڪمايا آهن. مالڪ چيس تہ شاباس، اي نيڪ ۽ ايماندار نوڪر، تون ٿوري ۾ ايماندار رهيو آهين. تنهن ڪري آءُ گهڻو ڪجهہ تنهنجي حوالي ڪندس. اچ ۽ اچي منهنجي خوشين ۾ شريڪ ٿي. پوءِ اهو نوڪر آيو جنهن کي ٻہ هزار چاندي جا سڪا مليا هئا. هن بہ چيو تہ اي مالڪ توهان مون کي ٻہ هزار چانديءَ جا سڪا ڏنا هئا. ڏس تہ مون ٻہ هزار ٻيا بہ سڪا ڪمايا آهن. مالڪ چيس تہ شاباش نيڪ ۽ ايماندار نوڪر! تون ٿوري ۾ ايماندار رهيو آهين تنهن ڪري آءُ گهڻو ڪجهہ تنهنجي حوالي ڪندس. اچ ۽ اچي منهنجي خوشين ۾ شريڪ ٿي آءُ توکي گهڻو ڪجهہ ڏيندس. پوءِ اهو نوڪر اندر آيو جنهن کي هڪ هزار چانديءَ جا سڪا مليا هئا ۽ اچي چيائين تہ سائين مون کي خبر هئي تہ تون نهايت سخت ماڻهو آهين ۽ اهو لڻندو آهين جيڪو پوکيندو ئي نہ آهين ۽ اهو گڏ ڪندا آهيو جيڪو ڇٽيندا ئي نہ آهيو. تنهنڪري مون کي ڊپ ٿيو سو مون وڃي توهان جي ڏنل هڪ هزار چانديءَ جا سڪا زمين ۾ پوري ڇڏيا. اجهو هي توهان جا پئسا ... (متي 25: 14 – 30)

## ٻوڙا جو عمل – پاڻي ۽ پاڻ

(ڏسو صفحو نمبر 11)

## وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا – چنڊ چاڻ

(روميون 12: 3 – 8، 1 – ڪرنٿين 10: 31-2، 1 – ڪرنٿين 5: 10، افسين 4، فلپين 4: 14 – 19، مڪاشفو 20: 11 – 15)

## لاڳو ٿيندڙ سوال – ميوو آڻڻ

(2 تيمٿيس 3: 16- 17) (ڏسو صفحو نمبر 11)

**نتيجو:** بائيبل مقدس فرمائي ٿي تہ سيني ماڻهن کي خدا جي اڳيان پنهنجين زندگين جو حساب ڏيڻو پوندو. زندگي خدا جي طرفان هڪ نعمت آهي. خدا چاهي ٿو تہ اسان جون زندگيون ميويدار هجن.

مشق
2

# خدا سان محبت ڪرڻ

اهم ترين حڪم

## سبق جو موضوع – زمين جي تياري

يسوع پنهنجن شاگردن کي ڪيترائي ڪم ڪرڻ جو حڪم ڏنو. يسوع چاهيندو هو تہ سمورا ماڻهو سندس پوئواري ڪن ۽ سندس حڪم مڃين. مسيح جي پوئلڳن جو سڀ کان اهم ڪم اهو آهي تہ اهي خدا سان محبت ڪن ۽ سندس ڳالهين کي ٻڌن.

**مکيہ آيتون**: ”۽ فقيهن مان هڪ ڪين بحث ڪندي سمجهي ورتو تہ ان ڪيس سٺو جواب ڏنو آهي. هو ويجهو آيو ۽ کائنس پڇائين تہ سڀني حڪمن مان پهريون ڪهڙو آهي.؟ يسوع جواب ڏنو تہ پهريون اهو آهي تہ اي اسرائيل ٻڌ – خدا وند اسان جو خدا، هڪ ئي خداوند آهي ۽ تون خداوند پنهنجي خدا سان پنهنجي سموري عقل ۽ پنهنجي سموري طاقت سان محبت ڪر ٻيو. اهو تہ تون پنهنجي پاڙيسريءَ سان پاڻ جيتري محبت ڪر _ ان کان وڏو ٻيو ڪوبہ حڪم ڪونهي (مرقس 12: 28– 31)

## بائيبل جي ڪهاڻي – ٻج پوکڻ

تعارف معلومات مهيا ڪري ٿو تہ جيئن توهان کي ڪهاڻي کي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي.
يسوع پنهنجي شاگردن سان گڏ هو.

**بائيبل جي ڪهاڻي هتان کان شروع ٿئي ٿي.**

”پوءِ جڏهن وچي رهيا هئا تہ هڪ ڳوٺ ۾ داخل ٿيا ۽ مارٿا نالي هڪ عورت ڪين پنهنجي گهر ۾ ترسايو ۽ مريم نالي سندس هڪ ڀيڻ هئي. اها يسوع جي پيرن وٽ ويهي سندس ڳالهہ ٻڌي رهي هئي پر مارٿا خدمت ڪندي ڪندي گهٻرائجي ويئي تنهن ڪري سندس ويجهو اچي چوڻ لڳي تہ اي خداوند..! ڇا توکي خيال نہ ٿو ٿئي تہ منهنجي ڀيڻ خدمت ڪرڻ لاءِ مون کي اڪيلو ڇڏي ڏنو آهي؟ تنهن ڪري کيس چئو تہ اها منهنجي مدد ڪري. خداوند جواب ۾ کيس چيو تہ اي مارٿا..! مارٿا! تون ڪيترين ئي شين جي فڪرن ۽ ويچارن ۾ آهين. پر هڪ ڳالهہ ضرور آهي ۽ مريم اهو سٺو حصو چوندي ورتو آهي. جيڪو کائنس ڦريو نہ ويندو (لوقا 10_ 38_ 42)

## ڳولا جو عمل – پاڻي ۽ پاڻ

(ڏسو صفحو نمبر 11)

## وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا – چنڊ چاڻ

(متي 22: 36_37، لوقا 11: 42، يعقوب 1: 12_1 يوحنا 2: 5_4، 1_يوحنا 4)

## لاڳو ٿيندڙ سوال – ميوو آٽڻ

(2 تيمتيس 3: 16- 17) (ڏسو صفحو نمبر 11)

**نتيجو**: يسوع جو اهم ترين حڪم اهو آهي تہ ماڻهو ساڻس محبت ڪن ۽ سندس ڳالهيون ٻڌن.

مشق 3

# خدا جي ڪلام جو ٻج وفاداريءَ سان پوکڻ

## تمام گهڻو ميوو ڏيندڙ زندگي

## سبق جو موضوع – زمين جي تياري

بائيبل خدا جو ڪلام آهي. مسيح جي سمورن پوئلڳن کي ان ڪري ئي سڏجي ٿو ته اهي خدا جي ڪلام کي ٻڌن ۽ سمجهن ـ ڪيترائي ماڻهو خدا جي ڪلام کي ٻڌن ته ٿا پر ان جي مطابق پنهنجي زندگي نٿا گذارين بائيبل سمورن ماڻهن کي تعليم ڏي ٿي ته خدا جي ڪلام کي ٻڌو ۽ ان مطابق زندگي گذاريو. شيطان نه ٿو چاهي ته خدا جي ڪلام کي ٻڌو ۽ سمجهو. شيطان چاهي ٿو ته اهو خدا جي ڪلام کي اسان جي دلين مان چورائي وڃي. جڏهن اسين خدا جو ڪلام ٻڌون ٿا ۽ ان مطابق زندگي گذاريون ٿا ته اسان جي زندگي ميون سان ڀريل ٿيو وڃي.

**مکيه آيت**: تنهنجو ڪلام منهنجي قدمن لاءِ ڏيئو ۽ منهنجي راه لاءِ روشني آهي. (زبور 119 : 105)

## بائيبل جي ڪهاڻي – ٻج پوکڻ

تعارف معلومات مهيا ڪري ٿو ته جيئن ڪهاڻي کي سمجهڻ ۾ توهان جي مدد ٿي سگهي.
يسوع هڪ وڏي ميڙ سان ڳالهائي رهيو هو. ان ميڙ ۾ شامل ماڻهو مختلف هنڌن سان تعلق رکندڙ هئا.

**بائيبل جي ڪهاڻي هتان کان شروع ٿئي ٿي.**

”هڪ ٻج پوکڻ وارو پنهنجو ٻج پوکڻ نڪتو ۽ پوکڻ وقت ڪجهه رستي جي ڪناري ڪري پيو ۽ لتاڙجي ويو هوا جي پکين ان کي چُڱي ورتو ۽ ڪجهه جبل تي ڪريو ۽ پوکجي سگهي ويو جو ان کي پاڻي نه مليو ۽ ڪجهه ٻُوڙن ۾ ڪريو ۽ ٻُوڙن گڏوگڏ وڌو ٿي کيس لڪائي پوري چڙيو ته ڪو سُٺي زمين تي ڪريو ۽ جتي سئو ڀيرا وڌيڪ ميوو ڏنائين. اهو چئي هن سڏيو. جنهن جي ٻڌڻ جا ڪن هجن ته اهو ٻڌي وٺي.!“

اهو مثال هيئن آهي ته ٻج خدا جو ڪلام آهي. رستي جي ڪناري جا اهي آهن جن ٻڌو پوءِ ابليس اچي ڪلام کي سندن دلين مان چورايو وڃي ته ائين نه ٿئي جو ايمان آڻي ڇوٽڪارو حاصل ڪن ۽ جبل وارا اهي آهن جيڪي ٻڌي ڪلام کي خوشيءَ سان قبول ڪن ٿا پر پاڙون نه ٿا رکن ۽ ڪجهه وقت تائين ايمان آڻي آزمائش وقت ڦريو وڃن. ۽ ٻوڙن ۾ پوڻ مان مراد اهي ماڻهو آهن جن ٻڌو پر ٿيندي ٿيندي ان زندگيءَ جي فڪرن ۽ دولت ۽ عيش عشرت ۾ ڦاسجي ويا ۽ سندن ميوو نه ٿو نڪري. پر سٺي زمين وارا اهي آهن جيڪي ڪلام کي ٻڌي سٺي ۽ نيڪدل ۾ سنڀالي رکندا آهن ۽ صبر سان ميوو آڻين ٿا. (لوقا 8: 5ـ 8، 11ـ 15)

## ڳولا جو عمل – پاڻي ۽ پاڻ (ڏسو صفحو نمبر 11)

## وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا – چنڊ چاڻ

(زبور 911: يوحنا 10: 27، فلپين 1: 9ـ 11، ڪلسين 1: 9ـ 12، پطرس 5: 8)

## لاڳو ٿيندڙ سوال – ميوو آڻڻ (2 تيمثيس 3: 16- 17) (ڏسو صفحو نمبر 11)

**نتيجو**: جڏهن ماڻهو خدا جو ڪلام ٻڌن ٿا ۽ ان مطابق زندگي گذارين ٿا ته سندن زندگيون ميويدار ٿيو وڃن ـ اهم ڳالهه اها آهي ته مسيح جا پوئلڳ ابليس يا هن دنيا جي فڪرن کي پنهنجين دلين مان ڪلام چورائڻ نه ٿا ڏين.

# شاگرد ٺاهيندڙ گروپن جو قيام

## عبادت ۽ دعا

- دعا ۽ گڏيل عبادت وسيلي خدا کي عبادت جو مرڪزي ڪردار ڏيڻ جي دعوت ڏيو.
- شڪر گذاري ۽ عام شاهدي لاءِ وقت ڏيو.

## پڇڻ وارو سبق ۽ لاڳو ڪرڻ

**پهريون قدم – سبق جو مضمون**

- سبق جي مضمون ۽ مکيه آيت کي گروپ ۾ ورهايو.

**ٻيو قدم – بائيبل جي ڪهاڻي**

- تعارف ۽ ڪهاڻيءَ کي گروپ ۾ ورهايو.

**ٽيون قدم– پڇڻ وارو عمل**

▪ ڪهاڻي کي سڃاڻو ▪ ڪهاڻي کي سمجهو ▪ بائيبل جي سچائين کي ڳوليو.

**چوٿون قدم– وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا**

- گروپ ۾ پڇڻ وارن صحيح بائيبلي خيالن ۽ عملن جو جائزو وٺو ته جيئن بائيبل مان پڇيل ڳالهين جي حقيقت جو اقرار ڪري سگهجي.

**پنجون قدم: لاڳو ڪرڻ ۽ حاصل بحث**

ڪهاڻي ۾ ڳولا ڪيل ڳالهين جي بنياد تي هيٺين سوالن جا جواب ڏيو (سيکارڻ)

- الزام (ماضي) ڇا مون پنهنجي پوري دل، جان، طاقت ۽ عقل سان خدا سان محبت رکي آهي؟ ڇا مون پنهنجي پاڙيسريءَ سان پاڻ جهڙي محبت ڪئي آهي؟
- سڌارو (حال) آئون پنهنجن عملن کي ڪيئن سڌاري سگهان ٿو؟
- سکيا (مستقبل) آئون پنهنجو پاڻ کي ڪيئن تيار ڪريان جو پنهنجي سموري دل، جان، طاقت ۽ عقل سان خدا سان محبت ڪري سگهان؟

## برادريءَ ۾ رهڻ

**مسيح ۾ وڌڻ**

- –گروپ جي ميمبرن کان پڇو ته گذريل شاگرد ٺاهڻ وارين عبادتن ۾ سکيل سبقن کي ڪيئن لاڳو ڪيو ويو؟

**ٻين سان گڏجي سچائيءَ کي ورهائڻ**

- –گروپ جي ميمبرن کان پڇو ته بائيبل جي گذريل ڪهاڻيءَ مان سکيل سبقن کي ٻين سان گڏ ڪيئن ورهايو ويو. گروپ جي ميمبرن کان پڇو ته هن پيري واري ڪهاڻيءَ کي شاگرد ٺاهڻ واري عبادت تائين ٻين سان گڏجي ڪير ڪير ورهائيندو؟

**ضرورتن جو فڪر ڪرڻ**

- گروپ جي ميمبرن کان پڇو ته گذريل شاگرد ٺاهڻ واري عبادت ۾ گروپ ۽ برادريءَ سان واسطو رکندڙ ذڪر ڪيل ضرورتن تي ڪهڙو رد وعمل اختيار ڪيو ويو هو؟
- گروپ جي ميمبرن کان پڇو ته ڇا اسان جي گروپ يا برادريءَ ۾ ڪي نوان فڪر ۽ مسئلا پيدا ٿي ويا آهن؟
- گروپ جي ميمبرن کان پڇو ته اسانجو گروپ انهن فڪرن ۽ مسئلن تي ڪهڙو رد وعمل اختيار ڪري سگهي ٿو؟

# بنيادي تعليمات جو سلسلو

## هڪ اهڙو گهر ٺاهڻ جنهن کي خدا پنهنجي رهائش ڪندو

ڪورس ”وڌو ۽ ويجهو“ جي نصاب ۾ شامل شروعاتي 52 سبقن کي بنيادي تعليمات وارو سلسلو چيو ويندو آهي. اهو سلسلو هڪ سال پڙهائيءَ تي ٻڌل آهي جيڪو سبقن جي چئن مجموعن تي مشتمل آهي. جنهن ۾ هر مجموعي ۾ 13 سبق شامل آهن. بنيادي تعليمات جي سلسلي کي هڪ گهر ٺاهڻ واري نموني تي ترتيب ڏنو ويو آهي. سبقن جي چئن مجموعن جا نالا هڪ عمارت جي چئن مختلف حصن جي نالن تي رکيا ويا آهن. اهي چار مختلف حصا هي آهن. بنياد جو اهم پٿر —بنياد—پتيون ۽ ڇت، سبق جي چئني ئي مجموعن مان هر هڪ جو تفصيل هن ريت آهي.



**بنياد جو اهم پٿر نالي سبقن جو مجموعو۔ صلح جو تعلق:**

بنياد واري پٿر نالي سبقن جو مجموعو، صلح جي ڪهاڻيءَ تي مشتمل آهي. ان جي شروعات هڪ اهڙي سبق سان ٿئي ٿي جنهن ۾ ٻڌايو ويجي ٿو ته خدا سمورين شين کي ڪيئن خلقيو. ان حقيقت سان بائيبل جو صحيح دينوي نقطء نظر قائم ٿئي ٿو. ٻئي سبق ۾ تعليم ڏني وڃي ٿي ته انسانن کي باقي مخلوقات کان جدا ڪري ٺاهيو ويو هو. اسان کي خدا سان هڪ خاص تعلق لاءِ خلقيو ويو هو. ٽئين ۽ چوٿين سبقن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪهڙيءَ ريت شيطان انساني نسل کي ڌوکو ڏنو. پهرين انسانن خدا جي نافرماني ڪئي جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو خدا سان انسانن جو تعلق ختم ٿي ويو. باقي وارا سبق خدا جي ان عظيم منصوبي بابت آهن ته ڪهڙي نموني اهو ماڻهن کي ڇوٽڪارو ڏيئي معاف ڪري ٻيهر پنهنجي تعلق ۾ بحال ڪرڻ گهري ٿو.



**بنياد نالي سبقن جو مجموعو۔ مسيح ۾ قائم رهڻ.**

سبقن جو اهو مجموعو بنيادي طور تي يسوع مسيح جي حڪمن جي فرمانبرداري ڪرڻ جي اهميت کي واضع ڪري ٿو. يسوع فرمايو آهي ته ”جيڪو منهنجون ڳالهيون ٻڌي ۽ ان تي عمل ڪري ٿو اهو ان عقلمند شخص وانگر هوندو جنهن جبل تي پنهنجي گهر ٺاهيو (متي 7:24) بنياد نالي سبقن جو مجموعو ان ڳالهه جي تعليم ڏي ٿو ته هڪ فرمانبردار طرز زندگي گذارڻ لاءِ بائيبل جو هڪ مضبوط بنياد ڪيئن رکيو وڃي.



**پتيون نالي سبقن جو مجموعو پرپور زندگي**

ڪنهن به عمارت جون پتيون اهو حصو آهن جن کي ماڻهو عمارت جي ٻاهران ڏسي ٿو. مسيح جي پوئلڳن تي به اهو مثال ٺهڪي اچي ٿو. مسيح جا ساٿي زمين تي خدا جا نمائينده آهن. خدا جي نمائندگي ڪندڙ مسيح جي ساٿين کي کپي ته سندن ڪردارن ۽ عملن سان هنن جي پرپاسي وارن ماڻهن کي خدا ڏسڻ ۾ اچي. سبقن جو اهو مجموعو زمين تي خدا جي خاندان جي اهم مقصدن بابت تعليم ڏي ٿو.



**ڇت نالي سبقن جو مجموعو—بنيادي حق**

سبقن جو اهو آخري مجموعو مسيحي ايمان بابت بنيادي حقيقت تي مشتمل آهي. هڪ ڇت جو مقصد ٻاهرين ۽ ان وڻندڙ شين کان بچڻ هوندو آهي. ڇت نالي سبقن جو اهو مجموعو ايمان بابت بائيبل جي بنيادي حقن ۽ ڪوڙين تعليمات کان بچڻ جي تعليم ڏئي ٿو.




”تنهنڪري اوهين هاڻي ڌاريا ۽ پرديسي نه رهيا آهيو. بلڪ خدا جي قوم جا هم وطن ۽ خدا جي گهر جا ڀاتي ٿي ويا آهيو. اوهين جڻ ته هڪ عمارت آهيو جنهن جو بنياد رسولن ۽ نبين تي اڏيل آهي ۽ انهيءَ بنياد جو سڀ کان اهم پٿر پاڻ عيسيٰ مسيح آهي. اهو پڻ سموري اڏاوت کي ڳنڍي ٿو ۽ اهڙي طرح ئي خداوند جو هڪ پاڪ گهر نهندو ۽ وڌندو ٿو وڃي. مسيح سان ڳنڍجي هڪ ٿيڻ ڪري اوهين به اهڙي ڳالهه ۾ گڏ جڙيندا ۽ اڏيا ٿا وڃو جنهن ۾ خدا پنهنجي پاڪ روح جي صورت ۾ رهي ٿو. (افسين 2:19۔22)

# ”وڌو ۽ ويجهو“ ڪورس جي تياريءَ جا مرحلا

## ”وڌو ۽ ويجهو“ ڪورس ڇو تيار ڪيو ويو؟

”وڌو ۽ ويجهو“ ڪورس هڪ نصاب ۽ پڙهائيءَ جو طريقہ ڪار آهي جنهن کي يسوع جي پوئلڳن جي مدد لاءِ تيار ڪيو ويو آهي تہ جيئن اهي بائيبل کي سمجهي سگهن ۽ ان جي تعليمات موجب حياتي گذارين. ”وڌو ۽ ويجهو“ جي نصاب ۽ طريقيڪار کي استعمال ڪرڻ سان، يسوع جي پوئلڳن کي ڀرپور زندگيءَ کي حاصل ڪرڻ ۽ يسوع مسيح سان گهرو شخصي ناتو ناهڻ ۾ رهنمائي ۽ مدد ملندي. ڪورس ”وڌو ۽ ويجهو“ ڪيترين ئي ٻولين ۾ ملي ٿو ۽ نوان ترجما بہ باقائدگيءَ سان شامل ڪيا پيا وڃن. جيڪڏهن توهان جي گهربل ٻولي ۾ اهو موجود ڪونهي تہ مهرباني ڪري اي ايڇ سي آءِ سان رابطو ڪريو ۽ نئين ٻوليءَ لاءِ درخواست ڏيو.

## ”وڌو ۽ ويجهو“ ڪورس ڪنهن تيار ڪيو؟

”وڌو ۽ ويجهو“ ڪورس کي تيار ڪرڻ ۽ ان جي سمورن حقن جو بااختيار ادارو، ايوري هوم فار ڪرائيسٽ انٽرنيشنل (اي ايڇ سي آءِ) آهي. اي ايڇ سي آءِ جو عالمي مشن هي آهي:

”ايوري هوم فار ڪرائيسٽ جي وجود جو مقصد مسيح جي بدن جي مدد ڪرڻ آهي تہ جيئن هر هنڌ ايماندارن کي تيار ڪري حرڪت ۾ آندو وڃي تہ جيئن اهي يسوع مسيح جي انجيل کي سموري دنيا جي هر گهر ۾ پهچائڻ جي خدمت ۾ اڳيان وڌي حصو وٺن ۽ ڪليسيا ۾ اهڙن نون ۽ ايماندارن کي شامل ڪيو وڃي جيڪي ٻين نون ايماندارن کي ڪليسيا ۾ شامل ڪن ۽ ائين ارشاد اعظم جي مڪمل ٿيڻ جي خواب کي تعبير ملي سگهي.

1946ع کان وٺي اهو ادارو اي ايڇ سي آءِ يسوع مسيح جي خوشخبريءَ کي ڪٽي 215 قومن جي هڪ ارب پنجاهہ ڪروڙ (50.1 بلين) کان وڌيڪ گهرن تائين پهچي چڪو آهي. نتيجي طور 10 ڪروڙ (100 ملين) کان وڌيڪ ماڻهن انجيل کي قبول ڪيو آهي.

## اي ايڇ سي جا ٽي تبديل نہ ٿيندڙ اصول

اي ايڇ سي ادارو ٽن تبديل نہ ٿيندڙ اصولن تحت ڪم ڪري ٿو. اهي هي آهن:-

1. **ارشاد اعظم جي حقيقي معنيٰ ۾ تعميل ڪئي وڃي.** في الحال گهر گهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ لٽريچر کي ورهائڻ جو نهايت منظم طريقو ئي ان ڪم جي مڪمل ڪرڻ کي يقيني بنائڻ جو بهترين ذريعو آهي (متي 28: 19 ۽ مرقس 16: 15)
2. **مسيح جي بدن ۾ اتحاد قائم ڪرڻ کانسواءِ عالمي بشارت جو ڪم ناممڪن آهي.** تنهنڪري ارشاد اعظم کي مڪمل ڪرڻ لاءِ سمورن بشارتي گروپن جو تعاون اڻ ٽر آهي. اڄ ۾ ئي 500 کان وڌيڪ بشارتي مشن، گروپ ۽ تنظيمون، ايوري هوم فار ڪرائيسٽ جي عالمي مهمن ۾ عملي طور تي شريڪ آهن. (پڙهو يوحنا 17 : 21، 23)
3. **رڳو دعا جي وسيلي ئي ارشاد اعظم جي مڪمل ٿيڻ جي رستي ۾ ايندڙ رڪاوٽن کي ڪيرايو ويندو.** تنهنڪري ان سموري جدوجهد ۾ دعا هڪ لازمي جز جي حيثيت رکي ٿي. جيترو دعا کي متحرڪ ڪيو ويندو اوترو ئي. دنيا ۾ بشارت جو ڪم تيزيءَ سان اڳتي وڌندو (مرقس 11: 22_ 23)

# توهين ايوري هوم فار ڪرائيسٽ سان ڪهڙي طرح عملي طور شريڪ ٿي سگهو ٿا؟

## دُعا

توهين EHC جي باهمت ڪارڪنن لاءِ دعا ڪريو ته جيئن اهي انجيل کي ڏيليل ماڻهن تائين پهچائين.

خاص ڳالهه اها آهي ته دعا ۾ جا نفشاني ڪندڙ اهڙا ساٿي اسان سان گڏ آهن. جيڪي خدا وند کان بهادر دل وارن ڪارڪن لاءِ لڳاتار دعائون ڪري رهيا آهن. يسوع فرمايو ته ”فصل ته تمام گهڻو آهي پر مزدور ٿورا آهن. تنهنڪري فصل جي مالڪ کي منٿ ڪريو ته پنهنجو فصل لاباروڪرڻ لاءِ ماڻهو اماڻي“ (لوقا 10:2)

ايوري هوم فار ڪرائيسٽ جو ٽيون تبديل نه ٿيندڙ اصول اهو آهي ته ”صرف دعا جي وسيلي سان ئي ارشاد اعظم جي رستي ۾ ايندڙ رڪاوٽن کي ڪيرايو ويندو“ تنهن ڪري ان سموري جدوجهد ۾ دعا هڪ لازمي جز جي حيثيت رکي ٿي. دعا کي جيترو وڌيڪ متحرڪ ڪيو ويندو اوترو ئي دنيا ۾ بشارت جو ڪم تيزيءَ سان اڳتي وڌندو (مرقس 11: 22 ـ 23)

## ڏيڻ

ڏيليل ماڻهن تائين انجيل پهچائڻ ۾ مالي سهڪار ڪريو. ”فصل جي لاباري لاءِ“ بڻيءَ ۾ مزدور اماڻڻ واسطي اسان کي مالي وسيلا گهرجن. انهن مالي وسيلن جي مدد سان اسين لٽريچر، تربيت ۽ مدد ڪندا آهين. پلي توهين 100 گهرن تائين پهچڻ ۾ اسان سان ماهوار مالي مدد سان شروع ٿيويا وري توهين هڪ ئي پيرو ڏيڻ چاهيو ته توهين پنهي صورتن ۾ جيتري به رقم ڏيو ٿا اها توهان جي قوم يا سموري دنيا ۾ انهن ماڻهن جي زندگين ۾ هڪ لازوال خرچ جي حيثيت رکي ٿي جيڪي خوشخبري چاهين ٿا.

## وڃڻ

فصل جي لاباري وارن مزدورن جي وڌندڙ ڪمن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ غور ڪريو.

ايوري هوم فار ڪرائيسٽ جو پهريون تبديل نه ٿيندڙ اصول اهو آهي ته ارشاد اعظم جي حقيقي معنيٰ ۾ تعميل ڪئي وڃي. اي ايچ سي هزارين مقامي ڪارڪنن کي سرگرم ڪري ٿي ته روزانو هڪ سئو قومن جي گهر گهر ۾ انجيل ڪٽي وڃن. اسين ان ڳالهه تي يقين رکون ٿا ته مسيح جي سمورن پوئلڳن کي مشنز جي ڪمن ۾ شامل ٿيڻ کپي ۽ ان ڪم ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اسان وٽ ڪيترا ئي موقعا موجود آهن. پنهنجي ويجهي اي ايچ سي جي آفيس سان رابطو ڪري پڇو ته توهين ڪيئن اوندهه ۾ رهندڙ ماڻهن تائين يسوع مسيح جي خوشخبري ڪٽي ويندڙن ۾ شامل ٿي سگهو ٿا.



سبق سيٽ نمبر (1)

# بنياد جو اهم پٿر

## ميل ميلاپ وارا تعلقات

”ڇا لاءِ جو خدا کي اهو وڻيو تہ سندس ساري پرپوري انهيءَ ۾ رهي. خدا چاهيو ٿي تہ مسيح جي صليب تي وهايل رت جي وسيلي صلح ڪري سندس معرفت سڀني شين جو پاڻ ۾ ميلاپ ڪري، پوءِ اهي زمين تي هجن يا آسمان تي. (ڪلسين 1: 19۔ 20)

**سبق:** **صفحو نمبر**


1-1 **خُدا، زمين ۽ آسمان جو خالق** ........ 21
ان سڀ ڪجهہ خلقيو
2-1 **ماڻهو خدا جي خاص تخليق** ........ 22
خدا ۽ هڪ ٻئي سان خاص ناتي لاءِ خلقيا ويا
3-1 **شيطان ڌوڪي باز** ........ 23
هو چوري ڪرڻ، مارڻ ۽ برباد ڪرڻ لاءِ آيو
4-1 **آدم ۽ حوا خدا جي نافرماني ڪئي** ........ 24
هاڻي اسين لعنت جي ماتحت آهيون
5-1 **چونڊيل خاندان** ........ 25
خدا جا ابرهام سان خاص ناتا
6-1 **خدا ابرهام کي آزمائي ٿو** ........ 26
ابرهام خدا جي فرمانبرداري ڪري ٿو
7-1 **موت کانپوءِ زندگي هوندي** ........ 27
موت کانپوءِ زندگي جنت يا دوزخ ۾ هوندي.
8-1 **يسوع مسيح** ........ 28
ڪامل خدا ۽ ڪامل انسان
9-1 **انساني نسل لاءِ خدا جو ميل ميلاپ جو منصوبو** ........ 29
گناهہ جي سزا پاڻ مٿان کڻي تعلقات جي بحالي
10-1 **يسوع موت تي فتح حاصل ڪئي** ........ 30
سندس جيئري ٿيڻ ثابت ڪيو تہ اهو ڪير هو
11-1 **آئون ڇا ڪريان جو ڇوٽڪارو ملي** ........ 31
ايمان آڻيو
12-1 **اسين خدا جي محبت جو جواب ڪيئن ٿا ڏيون** ........ 32
توبهہ
13-1 **آءُ يسوع جو هڪ دوست آهيان** ........ 33
آئون ان جي حڪمن تي عمل ڪرڻ سان سندن محبت ۾ قائم رهان ٿو.

سبق
1-1

# خدا، زمين ۽ آسمان جو خالق

هن سڀ ڪجهه خلقيو

## سبق جو موضوع – زمين جي تياري

صرف هڪ خدا آهي جيڪو سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو ۽ سڀ قدرت رکي ٿو. اهو هر هنڌ موجود آهي ۽ ان زندگيءَ مان ئي سڀ ڪجهه خلقيو آهي. خدا جي حڪم سان ئي سموري ڪائنات جي تخليق ٿي آهي. خدا هر ڪا شيءِ ڪامل ناهي ڇاڪاڻ ته هو پاڻ ڪامل آهي.

**مکيه حوالو**: هن پنهنجي قدرت سان زمين کي ناهيو. هن پنهنجي حڪمت سان جهان ناهيو ۽ پنهنجي عقل سان آسمان کي اسان مٿان ڍڪي ڇڏيو آهي (يرمياه 15:51)

## بائيبل جي ڪهاڻي – ٻج پوکڻ

تعارف معلومات مهيا ڪري ٿو ته جيئن توهان کي ڪهاڻي کي سمجهڻ ۾ مدد ٿي سگهي.

خدا هر شيءِ کان اڳ موجود هو. بائيبل ٻڌائي ٿي ته خدا زمين کي ۽ جيڪي ڪجهه زمين تي آهي تنهن کي ڇهن ڏينهن ۾ خلقيو. پهرين پنجن ڏينهن ۾ خدا روشني، سج، چنڊ ۽ آسمان، پاڻي ۽ خشڪي کي خلقيو. ان هر قسم جي ٻاجي ۽ هر قسم جي ساموندي جيئري مخلوق ۽ هوا ۾ اڏامندڙ هر پکي جيڪو پنهنجي پنهنجي جنس مطابق وڌي سگهيو ٿي خلقيو ۽ خدا پنهنجي مخلوق کي ڏٺو ۽ چيو ته "سٺو آهي" اسان جي ڪهاڻي ڇهين ڏينهن کان شروع ٿئي ٿي.

**بائيبل جي ڪهاڻي هتان کان شروع ٿئي ٿي:**

"۽ خدا چيو ته زمين تي ساهه وارن کي سندن جنس مطابق چوپاين ۽ رڙهندڙ ساهه وارن ۽ جهنگلي جانورن کي پيدا ڪري ۽ ائين ئي ٿيو ۽ خدا جهنگلي جانورن ۽ چوپاين کي سندن جنس مطابق ۽ زمين تي رڙهندڙ جاندارن کي سندن جنس مطابق ناهيو ۽ خدا ڏٺو ته سٺو آهي. پوءِ خدا چيو ته انسان کي پنهنجي صورت تي پنهنجي شڪل موجب ناهي ۽ اهو سمنڊ جي مڇين ۽ آسمان جي پکين ۽ چوپاين ۽ سموري زمين ۽ سيني ساهه وارن تي جيڪي زمين تي رڙهندا آهن انهن تي اختيار رکي ۽ خدا انسان کي پنهنجي صورت تي پيدا ڪيو. خدا جي صورت تي ان کي پيدا ڪيو. نر ۽ ناري کي پيدا ڪيو ۽ خدا انهن کي برڪت ڏني ۽ چيو ته وڌو ۽ ويجهو ۽ زمين کي معمور ۽ محڪوم ڪريو ۽ سمنڊ جي مڇين ۽ هوا جي پکين ۽ زمين تي هلندڙ سمورن جانورن تي اختيار رکو." (پيدائش 1: 24_ 28)

## ٻوڙا جو عمل – پاڻي ۽ پاڻ (ڏسو صفحو نمبر 11)

## وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا – چنڊ ڇاڻ

(ڪلسين 1: 16، مڪاشفو 4: 11، زبور 33:6_9، يسعياه 4: 21_28، عبرانين 11: 3)

## لاڳو ٿيندڙ سوال – فصل جو لابارو (2 تيمٿيس 3: 16- 17) (ڏسو صفحو نمبر7)

**نتيجو**: جيڪي ڪجهه ڪائنات ۾ نظر اچي ٿو اهو اتفاقي ڪونهي. هڪ خالق آهي جيڪو خدا آهي ان جيڪو خلقيو اهو ڪامل آهي.

سبق
2-1

# ماڻھو خدا جي خاص تخليق

## خدا سان خاص ناتي لاءِ خلقيا ويا

### سبق جو موضوع — زمين جي تياري

خدا انسانن کي حيوانن کان گھڻو مختلف خلقيو آھي ڇو تہ خدا انسان کي پاڻ سان خاص ناتا رکڻ، پنھنجي فطرت کي ان جي ذريعي ظاھر ڪرڻ ۽ مدد گار طور بہ خلقيو آھي.

**مکيہ حوالو**: ”آئون تنھنجو شڪر ڪندس ڇو تہ آئون عجيب ۽ غريب طور تي ٺھيو آھيان“ (زبور 139: 14)

### بائيبل جي ڪھاڻي — ٻج پوکڻ

تعارف معلومات مھيا ڪري ٿو تہ جيئن ڪھاڻي کي سمجھڻ ۾ توھان جي مدد ٿي سگھي.

بائيبل ٻڌائي ٿي تہ خدا زمين ۽ آسمان کي ۽ جيڪي ڪجھہ ان ۾ آھي خلقيو ۽ خدا واضح ڪيو تہ سندس سموري مخلوق ”سٺي“ آھي.

**بائيبل جي ڪھاڻي هتان کان شروع ٿئي ٿي.**

”پوءِ خدا وند خدا زمين مان ڪجھہ مٽي کنئي ۽ ان مان ھڪ ماڻھو ٺاھيائين. انھيءَ جي ناسن ۾ زندگيءَ جو ساھہ ڦوکيائين تہ ھو جيئرو انسان ٿي پيو. پوءِ خداوند چيو تہ آدم جو اڪيلو رھڻ چڱو نہ آھي. تنھنڪري تہ ھن جي لاءِ سندس جھڙو ھڪ سنو ساٿي بنائيندس. سو خداوند خدا زمين مان مٽي کڻي سڀ جانور ۽ پکي ٺاھيا ۽ پوءِ انھن کي آدم وٽ آندائين تہ ڏسي تہ ھو انھن جا ڪھڙا نالا ٿو رکي ۽ آدم جنھن کي جنھن نالي سان سڏيو اھو انھيءَ جو نالو ٿي ويو. سو آدم سڀني جانورن ۽ پکين جا نالا رکيا.

پر انھن مان ڪوبہ سندس سنو ساٿي ڪونہ مليو. پوءِ خدا وند خدا آدم کي گھري ننڊ ۾ سمھاري ڇڏيو. ھو ستل ھو تہ سندس پاسري ڪڍي اتي گوشت پري ڇڏيائين ۽ خداوند خدا ان پاسريءَ مان جيڪا ھن آدم لاءِ ڪڍي ھئين مان ھڪ عورت ٺاھي ۽ کيس آدم وٽ کڻي آيو. (پيدائش 2، 18_22)

### ٻگولا جو عمل – پاڻي ۽ پاڻ (ڏسو صفحو نمبر 11)

### وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا — چنبڙ چاڻ

(زبور 24: 1، زبور 100: 3، زبور 139: 13_ 16 افسين 5: 28_31، رومين 8: 18_ 39)

### لاڳو ٿيندڙ سوال — فصل جو لابارو (2 تيمٿيس 3: 16- 17) (ڏسو صفحو نمبر7)

**نتيجو**: خدا عورت ۽ مرد کي خاص ٺاھيو ۽ اھي برابر آھن. اھي ھڪ ٻئي سان ناتا رکڻ لاءِ ٺاھيا ويا آھن. اھي خدا سان ناتن ۾ جيئڻ لاءِ بہ خلقيا ويا آھن.

سبق
3-1

# شيطان دوکي باز

هو چورائڻ، مارڻ ۽ برباد ڪرڻ لاءِ آيو

## سبق جو موضوع ـ زمين جي تياري

شيطان خراب آهي ۽ ان سان ئي خرابيءَ جو وجود آهي. چو ته اهو خدا کان نفرت ڪري ٿو. خدا جي خلق سان به نفرت ڪري ٿو. تنهنڪري اهو زمين تي هڪ نانگ جي روپ ۾ آيو ته جيئن خدا ۽ انساني نسل وچ ۾ ناتن کي برباد ڪري سگهي.

**مکيه حوالو**: "چور رڳو ان مطلب سان اچي ٿو ته" چوري ڪري، ماري ۽ برباد ڪري، پر آئون انهيءَ لاءِ آيو آهيان ته ڪين زندگي ملي بلڪ ڀرپور زندگي ملي (يوحنا 10:10)

## بائيبل جي ڪهاڻي ـ ٻج پوکڻ

تعارف معلومات مهيا ڪري ٿو ته جيئن ڪهاڻي کي سمجهڻ ۾ توهان جي مدد ٿي سگهي.

خدا مرد ۽ عورت کي تخليق ڪري هڪ باغ ۾ رکيو. خدا آدم کي چيو ته اهو هڪ وڻ کانسواءِ هر وڻ جو ميوو کائي سگهي ٿو. خدا چيو ته "تون باغ جي هر وڻ جو هر ميوو بنا روڪ ٽوڪ کائي سگهين ٿو پر نيڪ ۽ بد جي سڃاڻپ واري وڻ جو ميوو ڪڏهن به نه کائجان ڇا ڪاڻ ته جنهن ڏينهن تو ان مان ميوو کاڌو ته مري ويندين" هڪ ڏينهن شيطان نانگ جي روپ ۾ آيو ۽ حوا کي دوکو ڏنائين.

**بائيبل جي ڪهاڻي هتان کان شروع ٿئي ٿي.**

"خداوند خدا جيڪي به جهنگلي جانور پيدا ڪيا هئا نانگ تن سڀني کان وڌيڪ چالاڪ هو. هن عورت کان پڇيو ته ڇا سچ پچ خدا اوهان کي باغ ۾ ڪنهن به وڻ جي ميوي کائڻ کان جهليو آهي؟ عورت وراڻيو ته اسين ته باغ ۾ هر وڻ جو ميوو کائون ٿا. سواءِ ان وڻ جي جيڪو باغ جي وچ ۾ آهي. خدا اسان کي چيو آهي ته ان وڻ جو ميوو نه کائجو ۽ نه ئي ان کي هٿ لائجو متان مري وڃو. نانگ وراڻيو ته اوهين هرگز ڪونه مرندا. خدا ائين انهيءَ ڪري چيو آهي جو کيس خبر آهي ته جنهن وقت اوهين اهو ميوو کائيندا تنهن وقت خدا وانگر نيڪي ۽ بديءَ کي سڃاڻي وٺندا. عورت به ڏٺو ته اهو وڻ ڏسڻ ۾ کهڙو نه سهڻو آهي ۽ ان جو ميوو به کائڻ ۾ ڪيڏو نه سنو هوندو سو سندس دل چاهڻ لڳي ته اهو کائي سمجهه حاصل ڪري. تڏهن هن ان ميوي مان ٿورو ڪٽي کاڌو ۽ پنهنجي مڙس کي به ڏنائين جنهن به کاڌو... تڏهن خداوند خدا عورت کان پڇيو ته تو ائين ڇو ڪيو؟ عورت وراڻيو ته نانگ مون کي ڀرغلايو ۽ مون کاڌو. پوءِ خداوند خدا نانگ کي چيو ته انهيءَ ڪم جي ڪري تون ئي هڪڙو سڀني جانورن ۾ لعنتي آهين. تون پيٽ پر رڙهي هلندين ۽ سڄي حياتي مٽي کائيندين. آئون تنهنجي ۽ عورت جي وچ ۾ دشمني وجهندس. تنهنجي نسل ۽ عورت جي نسل وچم هميشه دشمني رهندي. هوءَ تنهنجو مٿو چيڀندي ۽ تون هن جي کڙي ڏنگيندين " (پيدائش 3: 1 ـ 6، 13 ـ 15)

## ٻُڌو جو عمل ـ پاڻي ۽ ياڻ (ڏسو صفحو نمبر 11)

## وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا ـ چنڊ چاڻ

(مرقس 1: 9 ـ 13، 2 ٿسلونيڪين 2: 8 ـ 10، مڪاشفو 12: 9، 1پطرس 5: 8)

## لاڳو ٿيندڙ سوال ـ فصل جو لابارو (2 تيمٿيس 3: 16- 17)

**نتيجو**: شيطان جي خراب خواهشن کيس خدا ۽ ان جي منصوبن جي خلاف ڪري ڇڏيو. زمين تي سندس ڪم حوا کي آزمائڻ سان شروع ٿيو. شيطان حوا کي خدا جي نافرماني ڪرڻ لاءِ دوکو ڏنو. شيطان انسان ذات ۽ ان جي خدا سان ناتن کان نفرت ڪري ٿو.

سبق
4-1

# آدم ۽ حوا خدا جي نافرماني ڪئي

هاڻي اسين لعنت جي هيٺ آهيون.

## سبق جو موضوع - زمين جي تياري

شيطان آيو ۽ حوا کي خدا جي نافرماني ڪرڻ لاءِ دوکو ڏنائين. خدا جي نافرماني گناهه آهي. گناهه جو نتيجو ڏک, تڪليف ۽ موت آهي. خدا گناهه جي سزا ڏي ٿو آدم ۽ حوا جي گناهه جو نتيجو اهو ٿيو جو خدا سان سندن ناتا ختم ٿي ويا.

**مکيه حوالو:** "تنهنڪري, جيئن هڪ شخص جي ڪري گناهه دنيا ۾ آيو ۽ گناهه سبب موت آئي ۽ ائين موت سمورن ماڻهن ۾ پکڙجي ويئي. ان لاءِ ته سڀني گناهه ڪيو" (رومين 5: 12)

## بائيبل جي ڪهاڻي - بج پوکڻ

تعارف معلومات مهيا ڪري ٿو ته جيئن توهان کي ڪهاڻيءَ جي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي.

پهرين خدا مرد ۽ عورت کي خلقيو ۽ سندن نالا آدم ۽ حوا رکيا. هن ڪهاڻيءَ ۾ وڻ اهو آهي جيڪو نيڪي ۽ بدي جي سڃاڻپ ڪرائي ٿو. خدا چيو ته هو ان وڻ ڪانسواءِ ٻين سڀني وڻن جا ميوا کائي سگهن ٿا.

**بائيبل جي ڪهاڻي اتان کان شروع ٿئي ٿي:**

عورت ڏٺو ته وڻ ڏسڻ ۾ ڪيترو نه سهڻو آهي ۽ ان جو ميوو کائڻ ۾ ڪيڏو نه سنو هوندو - سو سندس دل چاهڻ لڳي ته "آئون اهو کائي سمجهه حاصل ڪريان." تڏهن ان ميوي مان ٿورو ڪٽي کاڌائين. پوءِ ان منجهان ٿورو پنهنجي مڙس کي به ڏنائين ۽ ان به کاڌو. جيئن ئي هنن کاڌو ته کين سمجهه اچي ويئي ۽ محسوس ڪيائون ته اسين اگهاڙا آهيون, سو هنن انجير جي پنن کي پاڻ ۾ ڳنڍي پنهنجي لاءِ لانگوٽا ٺاهيا. انهيءَ شام هنن باغ ۾ خداوند خدا جي گهمڻ جو آواز ٻڌو ۽ وڻن ۾ وڃي پاڻ کي انهن کان لڪايائون پر خداوند خدا آدم کي سڏي چيو ته "تون ڪٿي آهين....؟" آدم جواب ڏنو ته "مون باغ ۾ تنهنجو آواز ٻڌو ۽ ڊڄي ويس ۽ تو کان پاڻ کي لڪايم ڇا ڪاڻ ته آئون اگهاڙو هوس...." خدا پڇيس ته "توکي ڪنهن ٻڌايو ته تون اگهاڙو آهين..؟ ڇا تو اهو ميوو کاڌو جنهن لاءِ مون توکي جهليو هو ته نه کائجان...؟" آدم جواب ڏنو ته "جيڪا عورت تو مون سان گڏ رهائي آهي تنهن مون کي اهو ميوو ڏنو ۽ مون کاڌو" خداوند خدا عوت کان پڇيو ته "تو ائين ڇو ڪيو..؟" عورت وراڻيو ته "نانگ مون کي برغلايو ۽ مون کاڌو" پوءِ خدا عورت کي چيو ته آئون تنهنجي ويم جي سورن کي گهڻو وڌائيندس. تون سورن مان ٻار ڄڻيندين پنهنجي مڙس ڏانهن تنهنجو چاهه ٿيندو ۽ هو توتي حڪمراني ڪندو. خدا مرد کي چيو ته تو پنهنجي زال جو چيو مڃي اهو ميوو کاڌو جنهن جي نه کائڻ لاءِ مون توکي چيو هو. جيڪي ڪجهه تو ڪيو آهي هاڻي ان سبب زمين تي لعنت هيٺ رهندين. جي تون پنهنجي سڄي حياتي محنت ڪري انهيءَ پيدائش سان پنهنجو گذران ڪندين. ان مان تو لاءِ ڪنڊيون ۽ ڪانڊيرا اپرندا ۽ تون انهن منجهان ٻنيءَ جي ڀاڄي کائيندين ۽ توکي سخت پورهيو ڪري پنهنجي بدن جي پگهر جي ماني کائڻي پوندي جيسين تون موٽي واپس مٽيءَ ۾ نه وڃين جنهن مان تون ٺهيو آهين. تون مٽي آهين ۽ وري به مٽيءَ ۾ ئي موٽي ويندين (پيدائش 3: 6, 13, 16 - 19)

## ڳولا جو عمل - پاڙي ۽ پاڻ (ڏسو صفحو نمبر 11)

## وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا - ڇنڊ ڇاڻ

يعقوب 1: 13 - 15, يسعياه 59: 2, رومين 3: 23 رومين 6: 23, يوحنا 3: 5)

## لاڳو ٿيندڙ سوال - فصل جو لابارو (2 تيمتيس 3: 16- 17)

**نتيجو:** هڪ ڪامل خدا کي گناهه برداشت ڪونهي. ڇو ته خدا تي شڪ ۽ نافرماني انسان جي ناتن کي خدا سان ختم ڪري ڇڏيو. سموري انساني نسل گناهه ڪيو آهي ۽ گناهه جو نتيجو ڏک, تڪليف ۽ موت آهي.

# چونڊيل خاندان

سبق
5-1

خدا جا ابرهام سان خاص ناتا.

## سبق جو موضوع — زمين جي تياري

آدم ۽ حوا جي گناهہ جا نتيجا سمورن ماڻهن ۾ پکڙجي ويا. خدا پاڻ سان انسان ذات جي دوستي ٻيهر بحال ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو. خدا ابرهام نالي هڪ شخص سان واعدو ڪيو تہ ماڻهو سندس خاندان وسيلي خدا سان بحال ٿيندا.

**مکيہ حوالو:** ۽ خداوند ابرهام کي چيو تہ تون پنهنجي وطن ۽ پنهنجن تعلق دارن مان نڪري ان ملڪ ۾ وڃ جيڪو آئون توکي ڏيکاريندس آئون توکي هڪ وڏي قوم ٺاهيندس. برڪت ڏيندس ۽ تنهنجو نالو سرفراز ڪندس. سو تون برڪت جي لائق ٿي وڃين..! ۽ توکي برڪت مبارڪ ۽ انهن کي بہ برڪت ڏيندس جيڪي تنهنجوساٿ ڏيندا ۽ جيڪو توتي لعنت ڪندو تنهن تي لعنت ڪندس ۽ زمين جا سمورا قبيلا تنهنڪي ذريعي برڪت حاصل ڪندا. (پيدائش 12: 1_3)

## بائيبل جي ڪهاڻي — ٻج پوکڻ

تعارف معلومات ڏي ٿو تہ جيئن توهان کي ڪهاڻيءَ کي سمجھڻ ۾ مدد ملي سگهي.

ابرهام اهو ماڻهو هو جنهن خدا سان ان وقت وفاداري ڪئي. جڏهن هن ساڻس ڳالهايو_خدا ابرهام جي خاندان جي چونڊ ڪئي جيڪو شيطان کي شڪست ڏيندو ۽ انسان ذات کي برڪت ڏيندو. ابرهام اهو پروسو نہ ڪيو تہ ڪو خدا سندس زال کي هن مان اولاد ڏيندو تنهنڪري ابراهام ڪن شين کي خدا جي طريقي سان نہ پر پنهنجي طريقي سان ڪيو. ان وقت تائين ابرهام ۽ سندس زال کي اولاد نہ هو تنهنڪري ابرهام پنهنجي زال جي نوڪرياڻي هاجره مان اولاد حاصل ڪيو ۽ ٻار جو نالو اسماعيل رکيو.

**بائيبل جي ڪهاڻي هتان کان شروع ٿئي ٿي.**

جڏهن ابرهام 99 سالن جو ٿيو تڏهن خدا ابرهام کي ڏيکائي ڏني ۽ چيائينس تہ" آئون قادر مطلق خدا آهيان. منهنجي فرمانبرداري ڪر ۽ سچار رهو آئون توسان هڪ عهد ڪندس ۽ توکي گهڻو اولاد ڏيندس. تڏهن ابرهام جهڪي سجدو ڪيو ۽ خدا ساڻس هم ڪلام ٿي چيو تہ "توسان منهنجو عهد هي آهي تہ تون گهڻن ئي قومن جو پيءُ ٿيندين. اڳتي تنهنجو نالو ابرهام نہ پر ابراهيم سڏبو ڇاڪاڻ تہ توکي گهڻن ئي قومن جو پيءُ بڻايان ٿو. آئون توکي گهڻو اولاد ڏيندس ۽ تنهن مان ڪي بادشاهہ ٿيندا. توکي ايترو تہ اولاد ٿيندو جو اهي مختلف قومون بنجي ويندا. آئون پنهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ ۽ توکان پوءِ تنهنجي اولاد سان انهن جي سمورين پيڙهين تائين پنهنجو دائمي عهد ڪندس. آئون تنهنجو ۽ تنهنجي اولاد جو خدا هوندس...پوءِ خدا ابراهيم کي چيو تہ "اڳتي تون پنهنجي زال کي سارائي نہ سڏ, هاڻي کان وٺي ان جو نالو ساره آهي. آئون ان کي برڪت ڏيندس ۽ ان جي پيٽان بہ توکي هڪ پٽ ڏيندس. آئون هن کي برڪت ڏيندس ۽ اها قومن جي ماءُ ٿيندي هن منجهان قومن جا بادشاهہ پيدا ٿيندا." تڏهن ابراهيم جهڪي سجدو ڪيو ۽ ڪلي دل ۾ چيائين تہ ڇا ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ کي بہ ٻار ٿي سگهي ٿو جنهن جي عمر سئو سال هجي؟ ڇا ساره کي بہ نوي سالن جي ڄمار ۾ ٻار ٿي سگهي ٿو. ابراهيم خدا کي چيو تہ "جيڪر تہ اسماعيل ئي منهنجو وارث ٿئي" پر خدا چيو تہ "نہ تنهنجي زال ساره تنهنجي لاءِ هڪ پٽ ڄڻيندي ۽ تون ان جو نالو اسحاق رکجانءِ" آئون ان سان ۽ پوءِ ان جي اولاد سان پنهنجو عهد جيڪو دائمي عهد آهي قائم ڪندس"(پيدائش17: 1_7, 15_19)

## ڳولا جو عمل - پاڻي ۽ پاڻ

(ڏسو صفحو نمبر 11)

## وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا — چنڊ ڇاڻ

(پيدائش 15: 1_6, عبرانين 11: 8_12, گلتين 3: 16_18, يسعياه 51: 1_2, يعقوب 2: 32)

## لاڳو ٿيندڙ سوال — فصل جو لابارو (2 تيمتيس 3: 16- 17)

**نتيجو:** خدا جو انسان سان پنهنجي لاڳاپن جو منصوبو ابراهيم سان شروع ٿيو. خدا واعدو ڪيو تہ ابراهيم جي خاندان جي وسيلي سموري زمين کي بہ برڪت حاصل ٿئي. خدا واعدو ڪيو تہ هڪ ڏينهن گناهگار ابرهام جي خاندان وسيلي بچي ويندا.

سبق
6-1

# خدا ابرهام کي آزمائي ٿو

ابرهام خدا جي فرمانبرداري ڪري ٿو.

## سبق جو موضوع – زمين جي تياري

خدا سان سمورن واعدن پوري ٿيڻ جو دارو مدار اسحاق جي زندگيءَ سان هو. ابرهام خدا جي طرفان آزمايو ويو. ابرهام خدا جو حڪم مڃيو. ابرهام پروسو ڪيو ته خدا ڪوڙ نه ڳالهائيندو.

**مکيه حوالو**: ' ايمان سان ئي ابرهام پنهنجي آزمائش وقت اسحاق کي نذراني طور قربان ڪيو. اهوئي ابراهيم، جنهن خدا جا واعده قبول ڪيا هئا. سو پنهنجي پياري پٽ کي قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. انهيءَ پٽ جي باري ۾ خدا چيو هوس ته "اسحاق مان ئي تنهنجو نسل جاري رهندو" ڇا لاءِ جو هن سمجهيو ته خدا کي مئلن مان جيارڻ جي قدرت حاصل آهي. سو انهن مان پڻ هن اسحاق کي مثالي طور تي وري حاصل ڪيو. ( عبرانين 11: 17_19)

## بائيبل جي ڪهاڻي – ٻج پوکڻ

تعارف معلومات ڏي ٿو ته جيئن توهان کي ڪهاڻي کي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي.

پراڻي وقت ۾ خدا گناهه جي بدلي ۾ رت ڏيڻ جي قرباني قائم ڪئي هئي. قرباني پيش ڪرڻ پاڪيزگيءَ جو هڪ مذهبي عمل هو. هي هڪ عبادت وارو عمل به هو.

**بائيبل جي ڪهاڻي هتان کان شروع ٿئي ٿي.**

"خدا چيس ته تون پنهنجي سڪيلڏي پٽ اسحاق، جيڪو توکي گهڻو پيارو آهي تنهن کي وٺي موريـاه جي علائقي ۾ وڃ. اتي جيڪو جبل آئون توکي ڏيکاريان اتي هن کي ساڙڻ واري قربانيءَ طور پيش ڪر. ٻئي ڏينهن صبح جو ساجهر ابراهيم قرباني ۾ ساڙڻ واسطي ڪاٺيون وڍي گڏهه تي لڏيون پوءِ پنهنجن ٻن نوڪرن ۽ اسحاق کي ساڻ ڪري انهيءَ هنڌ روانو ٿيو جتي جو خدا ڏس ڏنو هوس. ٽئين ڏينهن ابراهيم پري کان اهو هنڌ ڏٺو پوءِ هن پنهنجن نوڪرن کي چيو ته "توهين هتي گڏهه وٽ ترسو ۽ آئون ۽ هي ڇوڪر هتي عبادت ڪرڻ وڃون ٿا ۽ پوءِ اوهان وٽ موٽي ايندا سين." ابراهيم قربانيءَ جون ڪاٺيون اسحاق کي ڪلهن ۽ ڪاٺيون ۽ پاڻ ڪاتي ۽ باهه ٻارڻ لاءِ ٽانڊا کنيا ۽ پوءِ ٻئي گڏجي روانا ٿيا. تڏهن اسحاق پنهنجي پيءُ کي چيو ته "اي بابا" هن جواب ڏنو ته "جيءُ پٽ" اسحاق چيس ته ٽانڊا ۽ ڪاٺيون ته توهان وٽ آهن پر ساڙڻ واري قربانيءَ واسطي گهيٽو ڪٿي آهي..؟" ابراهيم جواب ڏنو ته "خدا پاڻيهي قربانيءَ واسطي گهيٽو موجود ڪري ڏيندو" پوءِ ٻئي گڏجي هلندا ويا ۽ جڏهن ان جاءِ تي پهتا جنهن جو خدا ڏس ڏنو هو تڏهن ابراهيم اتي هڪ قربان گاهه ناهي مٿان ڪاٺيون ناهي رکيائين. تنهن کان پوءِ پنهنجي پٽ اسحاق کي ٻڌي انهن ڪاٺين جي مٿان رکيائين. پوءِ هٿ ڊگهيڙي پنهنجي پٽ کي ڪهڻ لاءِ ڪاتي کنئي تڏهن خدا ملائڪ وسيلي آسمان مان سڏ ڪري چيس ته "اي ابراهيم، اي ابراهيم" هن وراڻيو ته "سائين، اجهو آئون حاضر آهيان" خدا وند چيس ته "ڇوڪر کي زخم نه رسائي ۽ ڪجهه به نه ڪرينس. هاڻي مون کي خبر پئجي وئي ته تون مون خدا جو خوف رکين ٿو. ڇو ته تو پنهنجو سڪيلڏو پٽ به مون کان وانجهي نه رکيو آهي."

تڏهن ابراهيم اکيون کڻي آسپاس نهاريو ته هڪڙو گهيٽو ڏٺائين جنهن جا سڱ هڪ ٻوڙي ۾ ڦاٿل هئا، تڏهن ابراهيم وڃي ان گهيٽي کي پڪڙيو ۽ ائين پنهنجي پٽ بدران گهيٽي کي ساڙڻ واري قرباني ڪيائين (پيدائش 22: 2_13)

**ٻڳولا جو عمل – پاڻي ۾ پاڻ** (ڏسو صفحو نمبر 11)

**وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا – چنبڇاڻ** (رومين 4: 1_ 24، يعقوب 2: 21 _22، پيدائش 22: 15_18)

**لاڳو ٿيندڙ سوال – فصل جو لابارو** (2 تيمٿيس 3: 16- 17)

**نتيجو**: ابراهيم طرفان اسحاق جي قرباني خدا تي سندس پڪي ايمان کي ظاهر ڪيو ڇو ته ابراهيم خدا جو حڪم مڃيو. جڏهن خدا طرفان ابراهيم جو امتحان ٿيو ته هن خدا تي پروسو رکيو ۽ فرمابرداري ڪئي. ابراهيم جي ڪهاڻيءَ جي ڪيترن سالن کانپوءِ خدا هڪ اهڙي قرباني مهيا ڪئي جيڪا هڪ ئي پيرو سموري انسان ذات لاءِ ڪفاري جو باعث بڻجي وئي.

سبق
7-1

# موت ڪانپوءِ زندگي هوندي

## موت ڪانپوءِ زندگي جنت ۾ يا دوزخ ۾ هوندي

### سبق جو موضوع – زمين جي تياري

پاڪ لکتون اسان کي موت ڪانپوءِ واري زندگيءَ جي باري ۾ سيکارين ٿيون. موت ڪانپوءِ سمورا ماڻهو يا ته جنت ۾ ويندا يا وري دوزخ ۾. جنت اها جاءِ آهي جتي خدا آهي. اتي تمام گهڻو مزو هوندو ڇو ته اسين خدا سان گڏ هونداسين. دوزخ سزا واري جاءِ هوندي. دوزخ ۾ ماڻهو سدائين لاءِ خدا کان ڌار ٿي ويندا ۽ خدا سيني کي عدالت ۾ گهرائيندو.

**مکيه حوالو:** ”ڇو ته گناهه جو پورهيو موت آهي پر خدا جي بخشش اسان جي خداوند يسوع مسيح ۾ هميشه واري زندگي آهي.“ (رومين 6: 23)

### بائيبل جي ڪهاڻي – ٻج پوکڻ

تعارف معلومات مهيا ڪري ٿو ته جيئن توهان کي ڪهاڻيءَ کي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي.

بائيبل سچائيون سيکارڻ لاءِ مثالن جو استعمال ڪري ٿي. اهي مثال گهري معنيٰ واريون ڪهاڻيون هونديون آهن. هن مثال ۾ خدا جو نالو ”ابن آدم“ آهي.

**بائيبل جي ڪهاڻي هتان کان شروع ٿئي ٿي.**

”آسمان جي بادشاهت انهيءَ ماڻهو وانگر آهي. جنهن پنهنجي ٻنيءَ ۾ سنو ٻج پوکيو. هڪڙي رات جڏهن سڀ ماڻهو ستا پيا هئا ته هن جو هڪ دشمن اچي ڪڻڪ ۾ ڪانڌيرا ڇٽي هليو ويو. جڏهن سِلا اُپريا ۽ سنگ نڪرڻ شروع ٿيا ته ڪانڌيرا ظاهر ٿي پيا. ان ماڻهوءَ جا نوڪر آيا، ۽ چيائونس ته ”سائين! اوهان ته ٻنيءَ ۾ سنو ٻج پوکيو هو پر هي ڪانڌيرا ڪٿان آيا..؟“ تنهن تي هن جواب ڏنو ته ”اهو ڪنهن دشمن جو ڪم آهي.“ پوءِ انهن ڪائنس پڇيو ته اسين وڃي ڪانڌيرن کي پٽيون ٿا..؟ ”هن ورندي ڏني ته نه، ڇالاءِ جو جڏهن اوهين ڪانڌيرا پٽيندا ته متان ڪانڌيرن سان گڏ ڪڻڪ به پٽجي اچي. ڇڏيو ته ٻئي ڪانڌيرا ۽ ڪڻڪ گڏ رهن تان جو لاباري جو وقت اچي. پوءِ آئون لاباري ڪندڙن کي چوندس ته، ”پهرين ڪانڌيرا پٽي گڏ ڪري ٻاهه ۾ ساڙين ۽ پوءَ ڪڻڪ گڏ ڪري پاڻڊن ۾ رکن......“ جنهن سنو ٻج پوکيو اهو ابن آدم آهي ۽ ٻني هي دنيا آهي. سنو ٻج اهي ماڻهو آهن جيڪي بادشاهت سان واسطو رکن ٿا. ۽ ڪانڌيرا اهي ماڻهو آهن، جيڪي شيطان سان واسطو رکن ٿا ۽ دشمن جنهن ڪانڌيرا پوکيا اهو شيطان آهي. لابارو آهي آخرت جو ڏينهن ۽ لاباري وارا آهن ملائڪ. تنهن ڪري جيئن ڪانڌيرا گڏ ڪري ٻاهه ۾ ساڙيا ويندا آهن. تيئن آخرت جو ڏينهن به ٿيندو. ابن آدم پنهنجن ملائڪن کي موڪليندو ۽ اهي سندس بادشاهت مان اهي ماڻهو گڏ ڪندا جيڪي ٻين کي گمراهه ٿا ڪن ۽ بڇڙائي ٿا ڪن. اهي انهن کي ٻاهه جي کوري ۾ اڇلائيندا اتي هو رڙيون ڪندا ۽ ڏند ڪرٽيندا. پوءِ سچا سج وانگر پنهنجي پيءُ جي بادشاهت ۾ چمڪندا. جنهن کي ڪن آهن، اهو ٻڌي ٻڌي. (متي 13: 24_30، 37_43)

### ٻُڌا جو عمل – پاڻي ۽ پاڻ (ڏسو صفحو نمبر 11)

### وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا – ڇنڊ ڇاڻ

(مڪاشفو 20: 12_15، مڪاشفو 21_22، 1_ ٿسلونيڪيون 4: 13_18، يوحنا 14: 1_3، فلپين 3: 20، متي 13: 47_50، متي 25: 31_46، مرقس 9: 47_48، عبرانين 9: 27)

### لاڳو ٿيندڙ سوال – فصل جو لابارو (2 تيمٿيس 3: 16- 17)

**نتيجو:** مرڻ ڪانپوءِ خدا سيني ماڻهن جو حساب ڪندو. جنت زندگي ۽ خوشين سان ڀرپور جاءِ آهي ۽ دوزخ ڏک ۽ تڪليف سان ڀريل هنڌ آهي.

سبق
8-1

# يسوع مسيح

كامل خدا ۽ كامل انسان

## سبق جو موضوع - زمين جي تياري

سموري بائيبل ۾ خدا نجات جي منصوبي تي كم كري رهيو هو ته جيئن انسان ۽ خدا وچ ۾ ٽٽل ناتا بحال كرڻ لاءِ رستو كڍي سگهجي. جڏهن وقت پورو ٿيو ته خدا پنهنجي پٽ يسوع مسيح كي اماڻيو ته جيئن ماڻهن جو خدا سان لڳ لاڳاپو قائم كرائي.

**مكيه حوالو**: "پر خداوند توهان كي هك نشاني موكليندو - ڏسو هك كنواري پيٽ سان ٿيندي ۽ پٽ پيدا ٿيندس ۽ اها ان جو نالو عمانوايل ركندي" (يسعياه 7: 14)

## بائيبل جي كهاڻي - ٻج پوكڻ

تعارف معلومات مهيا كري ٿو ته جيئن توهان كي كهاڻيءَ كي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي.
بائيبل اسان كي ٻڌائي ٿي ته يسوع مسيح دائود جي خاندان مان هو ۽ ابراهيم جي خاندان مان هو.

**بائيبل جي كهاڻي هتان كان شروع ٿئي ٿي.**

"عيسيٰ مسيح جي پيدائش هن ريت ٿي جو جڏهن سندس ماءُ مريم جو مڱڻو يوسف سان ٿيل هو پر اڃا سندن شادي نه ٿي هئي ته مريم كي معلوم ٿيو ته كيس پاك روح جي قدرت سان پيٽ ٿيو آهي. هن جو مڱيندو هك نيك ماڻهو هو تنهنكري هن خيال كيو ته "چونه مريم كي چپ چاپ ڇڏي ڏيان ۽ خلق ۾ خوار نه كريانس. پر جڏهن هو انهن ڳالهين بابت ڳڻتيون كري رهيو هو ته هن كي خواب ۾ خداوند جو هكڙو ملائك ڏسڻ ۾ آيو جنهن چيس ته اي دائود جا اولاد يوسف! تون پنهنجي مڱيندي مريم سان شادي كرڻ كان نه گهبرائيءَ چا لاءِ جو كيس پاك روح جي قدرت سان پيٽ ٿيو آهي. هن كي پٽ ڄمندو ۽ ان جو نالو عيسيٰ ركجان. ڇالاءِ جو هو پنهنجي قوم كي سندن گناهن كان ڇوٽكارو ڏياريندو. اهڙي نموني سڀ ڳالهيون جيكي خداوند پنهنجي نبيءَ جي معرفت فرمايون هيون سڀ پوريون ٿيون ته ڏسو ته هك كنواري پيٽ سان ٿيندي ۽ كيس پٽ ڄمندو جنهن كي عمانوايل سڏيندا جنهن جي معنيٰ آهي " خدا اسان سان" سو جڏهن يوسف ننڊمان جاڳي اٿيو تڏهن جيئن خدا وند جي ملائك چيو هوس تيئن ئي كيائين ۽ مريم سان شادي كيائين پر جيستائين مريم پٽ نه ڄڻيو تيستائين يوسف كيس هٿ به نه لاتو ۽ پار جو نالو عيسيٰ ركيائين (متي 1 -28-25)

**ڳولا جو عمل - پاڻي ۽ پاڻ** (ڏسو صفحو نمبر 11)

**وڌيك مطالعي لاءِ حوالا - چنڊ ڇاڻ**

(متي 16: 13: 20، متي 24: 63-64، لوقا 1: 28- 35، يوحنا 11: 1-14، يوحنا 3: 16، فلپين 2: 5-11، كلسين 1: 15 – 20، كلسين 2: 9)

**لاڳو ٿيندڙ سوال - فصل جو لابارو** (2 تيمتيس 3: 16- 17)

**نتيجو**: يسوع مسيح كامل انسان ۽ كامل خدا هو. يسوع مسيح خدا ۽ ماڻهن وچ ۾ ٽٽل ناتا بحال كرڻ لاءِ اماڻيو ويو هو.

# انساني نسل لاءِ خدا جو لڳ لاڳاپڻ جو منصوبو

سبق
9-1

## گناهہ جي سزا پاڻ تي کڻندي ناتن جي بحالي

### سبق جو موضوع — زمين جي تياري

خدا سمورن ماڻهن سان محبت ڪري ٿو. ماڻهو خدا سان محبت ڪرڻ ۽ ناتا رکڻ لاءِ ٺاهيا ويا هئا. شيطان آدم ۽ حوا کي خدا جي نافرماني ڪرڻ لاءِ ورغلايو. خدا جي نافرماني گناهہ آهي. گناهہ خدا ۽ انسان ذات وچ ۾ پڪن ناتن کي برباد ڪري ڇڏيو. خدا ماڻهن سان واعدو ڪيو تہ هن جي ۽ انسان جي وچ ۾ سچا ناتا وري بحال ٿيندا. خدا آدم سان واعدو ڪيو تہ هڪ ڏينهن سندس خاندان مان ڪو شيطان جو مٿو چٿيندو. خدا واعدو ڪيو تہ هو ابراهيم جي خاندان ذريعي قومن کي برڪت ڏيندو. خدا پنهنجي پٽ يسوع مسيح کي موڪلي پنهنجو واعدو پورو ڪيو.

مکيه حوالو: "جو تہ جڏهن اسين ڪمزور هئاسين تہ بلڪل ان وقت مسيح بي دينن لاءِ ظاهر ٿيو." (رومين 5: 6)

### بائيبل جي ڪهاڻي — ٻج پوکڻ

تعارف معلومات مهيا ڪري ٿو تہ جيئن توهان کي ڪهاڻيءَ کي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي.

خدا پنهنجي اڪيلي پٽ کي موڪليو ان جو نالو يسوع مسيح هو تہ. ان جي پيدائش هڪ معجزو هو هر سچو انسان ۽ سچو خدا هو هو وڏيو ۽ جيئرو رهيو پر هڪ ڀيري بہ گناہ نہ ڪيائين. هن تمام گهڻا معجزا ڪيا ۽ تمام عظيم سچائيون سيکاريائين. ڪيترائي مذهبي اڳواڻ يسوع مسيح کي پسند نہ ڪندا هئا ۽ هن کي قتل ڪرڻ جي پويان هئا. ماڻهن کي خوش ڪرڻ لاءِ گورنر اجازت ڏيئي ڇڏي تہ يسوع کي ماريو ۽ صليب تي ڪوڪا هڻي ٻيهاريو. صليب تڪليف ڏيڻ جو هڪ طريقو آهي. خدا چيو تہ يسوع جو مار کائڻ ۽ موت اسان جي گناهن لاءِ آهي.

**بائيبل جي ڪهاڻي هتان کان شروع ٿئي ٿي.**

"پوءِ سپاهي عيسيٰ کي گورنر جي محلات ۾ وٺي آيا ۽ سمورا سپاهي هن جي چوگرد ڦري آيا. انهن عيسيٰ جا ڪپڙا لاهرايا ۽ هڪ ڳاڙهو قرمزي جبو ڍڪايائونس. تنهن کانپوءِ هنن هڪ ڪنڊن جو تاج ٺاهي هن جي مٿي تي رکيو ۽ هڪ لٺ سندس هٿ ۾ ڏنائونس ۽ پاڻ سڀئي هن جي اڳيان گوڏا کوڙي چٿرون ڪرڻ لڳا. اهي چون پيا تہ "سلام اي يهودين جا بادشاهہ! هنن کيس ٿڪون هنيون ۽ لٺ کڻي مٿي تي ٺڪ هڻڻ لڳا. جڏهن اهي چٿرون ڪري چڪا هئا تہ اهو قرمزي جبو لهرائي وري کيس سندس ڪپڙا پهرايائونس پوءِ کيس ٻاهر وٺي آيا تہ جيئن صليب تي چاڙهي ڪوڪا هڻنس جڏهن هو وڃي رهيا هئا تہ هنن کي ڪريني شهر جو هڪ ڳوٺو ماڻهو مليو جنهن جو نالو شمعون هو. هنن ان تي زور رکيو تہ هو عيسيٰ جو صليب کڻي هلي. پوءِ هو گلگتا نالي هڪ هنڌ پهتا جنهن جي معنيٰ آهي "کوپڙيءَ جي جاءِ" انهن هن کي ڪوڙاڻ مليل مئي پيڻ لاءِ ڏني پر جڏهن هن ان کي چکيو تہ پيئڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائين. انهن کيس صليب تي چاڙهي ڪوڪا هنيا ۽ سندس ڪپڙا پاڻ ۾ ورهائڻ لاءِ پُڪا وڌائون. ان کانپوءِ هو اتي ويهي رهيا ۽ هن تي پهرو ڏيڻ لڳا. انهن هن مٿان اهو الزام لکي هنيو تہ "هي عيسيٰ يهودين جو بادشاهہ آهي." پوءِ عيسيٰ سان گڏ ٻن شاگردن کي بہ صليب تي چاڙهيائون هڪ سندس ساڄي ۽ ٻيو کابي پاسي . . . ۽ ٻنپهرن کانپوءِ تہ پهريءَ تائين سموري ملڪ ۾ اوندهہ ڇانيل رهي. يسوع پوءِ وڏي واڪي رڙ ڪئي ۽ دم ڏنائين." (متي 27: 27_38, 45, 50)

### ڳولا جو عمل – پاڻي ۽ پاڻ (ڏسو صفحو نمبر 11)

### وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا – چنڊ چاڻ (تيمتيس 1: 15, 1پطرس 2: 24, مرقس 10: 45, افسين 1: 7, يوحنا 1: 29, يسعياه 53: 5_6)

### لاڳو ٿيندڙ سوال — فصل جو لاٻارو (2 تيمتيس 3: 16- 17)

**نتيجو:** صليب تي يسوع مسيح جي موت سمورن ماڻهن لاءِ خدا سان خاص ناتن ٺاهڻ جو هڪ رستو تيار ڪيو. يسوع اسان جي گناهن جي پوري قيمت ادا ڪئي ۽ ان اسان جي جاءِ والاري. اهو تحفو تہ پوئي اسان ڪمايو ۽ نہ ئي اسين ان جا اهل هئاسين. خدا ائين ڪيو چو تہ هو سمورن ماڻهن سان پيار ڪري ٿو. جيڪي ماڻهو يسوع تي ايمان آڻين ٿا ۽ ان جي ڏنل تحفي کي قبول ڪن ٿا خدا سان لڳ لاڳاپڻ ۾ آهن.

سبق
10-1

# يسوع موت تي فتح حاصل ڪئي

## ان جي پيهر جيئري ٿيڻ ثابت ڪيو تہ هو ڪير هو

### سبق جو موضوع – زمين جي تياري

يسوع جڏهن زمين تي هو تہ هن چيو تہ هو اسان جي گناهن جي واسطي مرندو ۽ پوءِ مُردن مان جيئرو ٿي اٿندو. يسوع مسيح صليب تي مئو ۽ پوءِ واپس زندگيءَ ۾ موٽي آيو. جڏهن يسوع مسيح مُردن مان جيئرو ٿي اٿيو تہ ان مان ثابت ٿيو تہ هو حقيقي خدا آهي. جيڪي ڪجھ هن چيو اهو سڀ سچ آهي.

مکيہ حوالو: ”جيڪي مون کي مليو تنهن کي سڀ کان اهم سمجهي اوهان تائين پهچايم تہ پاڪ لکتن موجب مسيح اسان جي گناهن جي واسطي مئو. پوءِ هو دفن ڪيو ويو ۽ وري ٽئين ڏينهن تي جيئرو ڪيو ويو.“ (اڪرنٿيون 15: 3_ 4)

### بائيبل جي ڪهاڻي – ٻج پوکڻ

تعارف معلومات مهيا ڪري ٿو تہ جيئن توهان کي ڪهاڻيءَ کي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي.

صليب تي يسوع جي موت کانپوءِ ڪي دوست سندس لاش کڻي ويا. هنن ان کي هڪ قبر ۾ رکيو. حاڪم حڪم ڪيو تہ قبر جي منهن تي هڪ تمام وڏو پٿر رکيو وڃي. سپاهي قبر جي نگراني ڪري رهيا هئا تہ جيئن ڪو يسوع جو لاش چورائي نہ وڃي. ان جي موت جي ٽئين ڏينهن ٻہ عورتون قبر تي آيون. هنن ڏٺو تہ پٿر هٽيو پيو آهي ۽ اتي هڪ ملائڪ ويٺو آهي.

بائيبل جي ڪهاڻي اتان کان شروع ٿئي ٿي.

”ملائڪ عورتن کي چيو تہ ”توهين ڊڄو نہ. آئون ڄاڻان ٿو تہ توهين عيسيٰ کي ڳولي رهيون آهيون. جيڪو صليب تي چاڙهيو ويو هو. هو هتي ڪونهي. جيئن هن چيو هو تيئن ئي هو جيئرو ٿي اٿيو آهي. هيڏانهن اچو ۽ اها جاءِ ڏسو جتي هو پيل هو. هاڻي جلدي وڃو ۽ وڃي سندس شاگردن کي ٻڌايو تہ هو مئلن مان جيئرو ٿي اٿيو آهي ۽ اوهان کان اڳ ۾ ئي گليل ڏانهن وڃي رهيو آهي. توهين اتي ئي کيس ڏسندا. جيڪو مون توهان کي چيو آهي اهو وساري نہ ڇڏجو. سو اهي سگهوئي ڊپ ۽ گهڻي خوشيءَ وچان قبر وٽان نڪتيون ۽ عيسيٰ جي شاگردن کي ٻڌائڻ لاءِ ڀڄنديون ويون.“ (متي 28: 5_8)

### ڳولا جو عمل – پاڻي ۽ پاڻ (ڏسو صفحو نمبر 11)

### وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا – چنبڙ چاڙهڻ

(اڪرنٿيون 15: 12_ 22, رومين 1: 3_4, رومين 8: 33_ 34, رسولن جا ڪم 2: 22_24, اپطرس 1: 3)

### لاڳو ٿيندڙ سوال – فصل جو لابارو (2 تيمٿيس 3: 16- 17)

**نتيجو**: يسوع مسيح مُردن مان جيئرو ٿي اٿيو. موت يسوع مسيح کي پنهنجي وس ۾ نہ ڪري سگهي چو تہ هو خدا هو هو گناهہ جي مڪمل قرباني هو. يسوع ثابت ڪيو تہ هو هڪ سنو انسان يا نبي ئي نہ پر زندگيءَ جو خدا آهي. يسوع مسيح ثابت ڪيو تہ هن وٽ ڪل قدرت ۽ اختيار آهي ۽ اسان جو بادشاهہ آهي.

سبق
11-1

# آءُ ڇا ڪريان جو ڇوٽڪارو حاصل ڪريان

## ايمان آڻيو

## سبق جو موضوع - زمين جي تياري

يسوع مئو ۽ مُردن مان جيئرو ٿي اٿيو تہ جيئن ماڻهو زندگي حاصل ڪن ۽ ڀرپور زندگي گذارين. تنهنڪري سمورن ماڻهن کي سڏايو ويو تہ اهي يسوع مسيح تي ايمان آڻين ۽ وات سان اقرار ڪن تہ هو خدا آهي. سمورن ماڻهن وٽ اهو اختيار آهي تہ اهي خدا تي ايمان آڻين ۽ بچي وڃن يا ان کي رد ڪري ڇڏين. خدا جي خواهش آهي تہ سمورا ماڻهو بچي وڃن.

مکيہ حوالو: ”ڇو تہ خدا دنيا سان اهڙي محبت ڪئي جو پنهنجو اڪيلو پٽ بخشي ڇڏيائين تہ جيڪو بہ ان تي ايمان آڻي برباد نہ ٿئي بلڪ سدائين واري زندگي ماڻي. ڇو تہ خدا پٽ کي دنيا ۾ ان لاءِ نہ اماڻيو تہ دنيا کي سزا ڏي پر ان لاءِ تہ دنيا ان جي وسيلي ڇوٽڪارو حاصل ڪري“ (يوحنا 3: 16_17)

## بائيبل جي ڪهاڻي - ٻج پوکڻ

تعارف معلومات ڏئي ٿو تہ جيئن توهان کي ڪهاڻيءَ کي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي.
مُردن مان جيئرو ٿيڻ کانپوءِ يسوع پنهنجن شاگردن تي ظاهر ٿيو. يسوع جي شاگردن مان توما نالي هڪ شاگرد ان وقت موجود نہ هو. صليب تي چڙهڻ کانپوءِ هن يسوع کي نہ ڏٺو هو. ڪنهن شئي کي ڏسڻ کانسواءِ محسوس ڪرڻ ۽ اعتقاد رکڻ ئي ايمان آهي.

**بائيبل جي ڪهاڻي اتان کان ئي شروع ٿئي ٿي.**

”توما انهن ٻارنهن شاگردن مان هڪڙو هو جنهن کي جاڙو بہ سڏيندا هئا. سو عيسيٰ جي اچڻ مهل شاگردن سان گڏ نہ هو. اهو جڏهن آيو تہ ٻين شاگردن ٻڌايس تہ ”اسان خداوند کي ڏٺو آهي“ تنهن تي هن چيو تہ جيستائين آءٌ سندس هٿن ۾ ڪوڪن جا نشان نہ ڏسندس ۽ ڪوڪن جي نشانن ۾ پنهنجي آڱر نہ وجهندس ۽ سندس پاسي ۾ هٿ نہ وجهندس تيسيائين آئون اصل ڪونہ مڃيندس.
هفتي کانپوءِ شاگرد وري گهر ۾ گڏ وينا هئا. هن ڀيري توما بہ ساڻن گڏ وينو هو ۽ گهر جا در دروازا بند هئا تہ عيسيٰ اچي سندن وچ ۾ بيٺو ۽ چيائين ”سلام“ پوءِ توما کي چيائين تہ ”اچ ۽ پنهنجي آڱر هيڏانهن ڪري منهنجي پاسي ۾ وجهہ“، بي ايمان نہ ٿي پر ايمان آڻ“ تنهن تي توما چيس تہ ”اي منهنجا خداوند، اي منهنجا خدا!“ عيسيٰ چيس تہ تو مون کي ڏٺو آهي تنهنڪري ايمان آندو اٿئي پر سڀاڳا آهن اهي جيڪي ڏسڻ کانسواءِ ئي ايمان آڻين ٿا. تنهن کانپوءِ عيسيٰ شاگردن اڳيان ڪيترا معجزا ڪيا جيڪي ڪتاب ۾ لکيل نہ آهن. پر هي انهيءَ لاءِ لکيل آهي تہ اوهين ايمان آڻيو تہ عيسيٰ مسيح آهي ۽ ايمان آڻي ان جي نالي سان زندگي حاصل ڪريو.“ (يوحنا 20:24_31)

## ٻوٽا جو عمل - پاڻي ۾ پاڻ (ڏسو صفحو نمبر 11)

## وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا - چنڊ چاڻ

(افسين 2: 8_9، گلتيون 20:2، گلتيون 3، اعمال 10: 43، رسولن جا ڪم 16:25_31، عبرانين 11، رومين 6: 23، رومين 10: 9_ 10، يوحنا 3: 16_21)

## لاڳو ٿيندڙ سوال - فصل جو لابارو (2 تيمتيس 3: 16- 17)

**نتيجو:** يسوع مسيح انسان جي گناهن جي سزا پاڻ تي کڻي ورتي. پاڪ ڪلام ٻڌائي ٿو تہ جيڪڏهن ماڻهو ايمان آڻيندا تہ اهو مُردن مان اٿاريو ويو آهي تہ دائمي زندگي حاصل ڪندا. ايمان يسوع مسيح تي ڀروسي ۽ اعتقاد جو نالو آهي. حالانڪ اسين ڪيس ڏسي نہ ٿا سگهون ايمان اهو آهي تہ يسوع مسيح اسان جي گناهن جي ازالي لاءِ مردن مان جيئرو ٿي اٿيو.

سبق 12-1

# اسين خدا جي محبت جو جواب ڪيئن ٿا ڏيون

توبهہ

## سبق جو موضوع – زمين جي تياري

توبهہ دل ۽ دماغ جي تبديلي آهي. توبهہ ۾ خدا ۽ گناهہ بابت مختلف نموني سوچڻ ۽ عمل ڪرڻ شامل آهي. توبهہ جو مطلب اهو آهي تہ اسين گناهہ سان ايتري نفرت ڪريون جيتري خدا ڪري ٿو. توبهہ سان اسان جي گناهن واري رويي ۾ تبديلي اچي ٿي.

**مکيہ حوالو**: "تنهنڪري خدا جهالتن جي وقتن تان اکيون بند ڪري سڀني ماڻهن کي هر هنڌ حڪم ڏي ٿو تہ توبهہ ڪريو." (رسولن جا ڪم 17: 30)

## بائيبل جي ڪهاڻي – ٻج پوکڻ

تعارف معلومات مهيا ڪري ٿو تہ جيئن ڪهاڻيءَ کي سمجهڻ ۾ توهان کي مدد ملي سگهي.
يسوع مسيح هڪ عظيم استاد هو ۽ ضرورتمندن لاءِ ڪيترائي معجزا ڪري کين شفا ڏيندو رهندو هو. يسوع جتي بہ ويندو هو تہ اتي ماڻهن جو هڪ وڏو ميڙ گڏ ٿي ويندو هو.

**بائيبل جي ڪهاڻي اتان کان ئي شروع ٿئي ٿي.**

" عيسيٰ يريڪو شهر ۾ داخل ٿي ان مان لنگهي رهيو هو. اتي زڪئي نالي هڪ ماڻهو هو جيڪو محصول اگاڙيندڙن جو سردار ۽ شاهوڪار بہ هو. هن جي مرضي هئي تہ ڏسان تہ عيسيٰ ڪهڙو آهي. پر ميڙ سبب ان کي ڏسي نہ سگهيو ڇاڪاڻ تہ سندس قد ننڍو هو. تنهنڪري هو اڳيرو ڊوڙي وڃي هڪ انجير جي وڻ تي چڙهي ويٺو ڇا لاءِ جو عيسيٰ انهيءَ رستي تان لنگهڻو هو. جڏهن عيسيٰ انهيءَ جاءِ تي آيو تڏهن مٿي نهاري چيائين تہ "اي زڪئي! يڪدم هيٺ لهي اچ، ڇا لاءِ جو اڄ مون کي تنهنجي گهر ٽڪڻو آهي. هو جلدي هيٺ لهي آيو ۽ عيسيٰ کي خوشيءَ سان پنهنجي گهر وٺي ويو. اهو ڏسي سڀئي پاڻ ۾ سس پس ڪرڻ لڳا تہ ڏسو هو هڪ گناهگار جي گهر ٽڪيو آهي. زڪئي اٿي بيهي ۽ خداوند کي چيائين تہ "ڏسو اي خداوند، آءٌ پنهنجي ملڪيت جو اڌ غريبن کي ٿو ڏيان. ۽ جيڪڏهن مون ڪنهن کي ٺڳيو آهي تہ کيس چئوڻو ڪري پري ڏيندس. عيسيٰ هن کي چيو تہ اڄ هن گهر ۾ ڇوٽڪارو آيو آهي. جيئن تہ هي بہ ابراهيم جو اولاد آهي. ابن آدم انهن کي ڳولڻ ۽ بچائڻ آيو آهي. جيڪي گمراهہ ٿي ويا آهن. (لوقا 19: 1_10)

### ڳولا جو عمل – پاڻي ۾ پاڻ (ڏسو صفحو نمبر 11)

### وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا – چنڊ چاڻ

(رسولن جا ڪم 2:_31_41، رسولن جا ڪم 3: 19_ 20، متي 3: 2، متي 17:4، مرقس 1: 15، لوقا 5: 23، لوقا 13: 15)

### لاڳو ٿيندڙ سوال – فصل جو لابارو (2 تيمٿيس 3: 16- 17)

**نتيجو**: يسوع مسيح تي اسان جو ايمان، اسان کي توبهہ ڏانهن راغب ڪري ٿو. جڏهن اسين توبهہ راغب ڪريون ٿا تہ اسان جون دليون ۽ دماغ بدلجيو وڃن. جڏهن اسان جون دليون ۽ دماغ بدلجيو وڃن تہ اسان جا گناهہ سان پريل عمل بہ بدلجيو وڃن ۽ اهي جيڪي يسوع تي ايمان ۽ پروسو ڪن ٿا اهي پنهنجي چوگرد رهندڙ انهن ماڻهن کان مختلف زندگي گذارين ٿا.

سبق
13-1

# آئون يسوع جو هڪ دوست آهيان

## آئون سندس حڪمن تي عمل ڪرڻ سان سندس محبت ۾ قائم رهان ٿو.

## سبق جو موضوع – زمين جي تياري

مسيح جا پوئلڳ هجڻ سان اسين خدا جا دوست آهيون. خدا جا دوست خدا کي چڱي نموني سڃاڻن ٿا. خدا جا دوست خدا ۽ ٻين سان محبت ڪن ٿا. خدا جا دوست خدا تي ڀروسو ڪن ٿا ۽ ان جي حڪمن جي فرمانبرداري ڪن ٿا.

مکيه حوالو: ”منهنجون رڍون منهنجو آواز ٻڌن ٿيون ۽ آئون به کين سڃاڻان ٿو. اهي منهنجي پٺيان پٺيان هلن ٿيون“ (يوحنا 10: 27)

## بائيبل جي ڪهاڻي – ٻج پوکڻ

تعارف معلومات مهيا ڪري ٿو ته جيئن توهان کي ڪهاڻيءَ کي سمجهڻ ۾ مدد ٿي سگهي. يسوع پنهنجن شاگردن سان ڳالهائي کين هدايت ڏيئي رهيو هو. جنهن پيءُ جي هو ڳالهه ڪري ٿو اهو خدا پيءُ آهي.

**بائيبل جي ڪهاڻي اتان کان شروع ٿئي ٿي.**

”تنهن تي فلپس چيس ته اي خدا وند، اسان کي پيءُ ڏيکار، بس اهوئي اسان کي گهرجي. عيسيٰ چيس ته ”اي فلپس! هيترو وقت آئون توهان سان هئس ته به اوهين مون کي نه ٿا سڃاڻو جنهن به مون کي ڏٺو آهي تنهن پيءُ کي ڏٺو آهي. پوءِ تون کيئن ٿو چوين ته اسان کي پيءُ ڏيکار؟ جيئن پيءُ مون سان پيار ڪيو آهي، تيئن مون به اوهان سان پيار ڪيو آهي. هاڻي اوهين منهنجي پيار ۾ رهو جيڪڏهن اوهين به منهنجي حڪمن تي عمل ڪندا ته اوهين منهنجي پيار ۾ رهندا. جهڙي طرح مون پنهنجي پيءُ جي حڪمن تي عمل ڪيو آهي ۽ سندس پيار ۾ رهان ٿو.
مون اهي ڳالهيون ان ڪري اوهان کي ٻڌايون آهن، ته جيئن منهنجي خوشي اوهان ۾ هجي ۽ اوهان جي خوشي پوري ٿئي. اهو ئي منهنجو حڪم آهي ته اوهين هڪ ٻئي سان پيار ڪريو. جيئن مون اوهان سان پيار ڪيو آهي. انهيءَ کان وڌيڪ ٻيو ڪو به پيار ڪونهي ته ماڻهو پنهنجي جان دوستن لاءِ ڏئي. جن ڳالهين جو مون اوهان کي حڪم ڏنو آهي تن تي جيڪڏهن عمل ڪريو ته اوهين منهنجا دوست آهيو. هن ڪانپوءِ آئون اوهان کي نوڪر ڪري نه سڏيندس ڇاڪاڻ ته نوڪر کي خبر نه هوندي آهي ته سندس مالڪ ڇا ڪري رهيو آهي. پر مون اوهان کي دوست ڪري سڏيو آهي. ڇالاءِ جو جيڪي ڳالهيون مون پنهنجي پيءُ کان ٻڌيون آهن سي سڀ توهان کي ٻڌايون اٿم.“ (يوحنا 14: 8_9، 15: 9_15)

## ٻڪولا جو عمل – پاڻي ۽ پاڻ (ڏسو صفحو نمبر 11)

## وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا – چنڊ ڇاڻ

(متي 7: 16_ 20، 2 پطرس 1: 3_8، يوحنا 14: 15_23، 1 يوحنا 4: 7_ 8، ايوحنا 5: 1_5، ڪلسين 1: 10)

## لاڳو ٿيندڙ سوال – فصل جو لابارو (2 تيمتيس 3: 16- 17)

نتيجو: مسيح جا پوئلڳ هئڻ جي ڪري اسين خدا جا دوست آهيون. خدا جا دوست هئڻ سبب اسان کي سڏايو ويو آهي ته خدا جي آواز کي ٻڌون ۽ فرمانبرداري ڪريون. خدا جا دوست هئڻ جي ناتي اسان کي سڏايو ويو آهي ته ٻين سان محبت ڪريون جهڙي محبت يسوع مسيح اسان سان ڪئي.

سبق سيٽ نمبر (2)



# بنياد

## مسيح ۾ قائم رهڻ

”توهين مون سان گڏجي هڪ ٿي رهو ۽ آئون توهان سان گڏجي هڪ ٿي رهندس. تيستائين ڪا بہ ٽاري ميوو نہ ٿي جهلي، جيستائين اها وَل ۾ نٿي رهي. اهڙي نموني اوهين بہ ميوو نہ ٿا جهلي سگهو جيستائين مون ۾ نہ رهو (يوحنا 15 : 4)

**سبق:** **صفحو نمبر**


1-2 **بپتسما وٺو** ........ 35

خدا وند تي ايمان رکو

2-2 **اسين دنيا جو نور آهيون** ........ 36

دنيا کي ٻڌايو تہ يسوع ڪير آهي.

3-2 **ٻين سان رفاقت رکو** ........ 37

پنهنجي خلاف گناہ ڪندڙن کي معاف ڪريو

4-2 **زنا ڪاري نہ ڪريو** ........ 38

ٻئي کي خراب نگاهہ سان نہ ڏسو

5-2 **شادي خدا لاءِ پاڪ آهي** ........ 39

خدا کي طلاق کان نفرت آهي.

6-2 **بي انصافيءَ جو جواب** ........ 40

محبت جو مثال ٿي جيئو

7-2 **پنهنجن دشمنن سان محبت ڪريو** ........ 41

خدا سڀني ماڻهن سان پيار ڪري ٿو.

8-2 **ٻين کي ڏيو** ........ 42

خدا ضرورتمندن جو خيال رکي ٿو

9-2 **دُعا** ........ 43

خدا سان ڳالهائڻ ۽ خدا جو ٻڌڻ

10-2 **آسمان تي خزانو گڏ ڪريو** ........ 44

پنهنجين شين ۽ پنهنجي زندگيءَ سان خدا کي عزت ڏيڻ

11-2 **ڳڻتي نہ ڪريو** ........ 45

خدا توهان کي سڃاڻي ٿو ۽ ان کي توهان جي ضرورتن جو اونو آهي.

12-2 **ٻين سان انصاف ڪندڙ نہ ٿيو** ........ 46

خدا پاڻ انصاف ڪندڙ آهي.

13-2 **گھرو، ڳوليو، کڙڪايو** ........ 47

خدا لڳاتار دعا جو جواب ڏي ٿو.

سبق
1-2

# بپتسما وٺو

خدا وند تي ايمان آڻيو

## سبق جو موضوع – زمين جي تياري

پاڻيءَ جو بپتسما خدا جو حڪم آهي جنهن جي تشبيهي معنيٰ آهي. "پاڻي مان ٻاهر ڪڍيو وڃڻ" پاڪ بائيبل چوي ٿو تہ يسوع کي قبول ڪرڻ ڪانپوءِ اسان کي بپتسما وٺڻ گهرجي. بپتسما اهو آهي جڏهن نون ايماندارن کي پاڻيءَ مان ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي. بپتسما روحاني پيدائش جي هڪ تصوير آهي جيڪا ان وقت ظاهر ٿئي ٿي جڏهن توهين مسيحي ٿيو ٿا. بپتسما ٻين لاءِ هڪ نمونو آهي تہ اسين يسوع جا پوئلڳ آهيون.

**مکيہ حوالو:** "تنهنڪري توهين وڃي سمورين قومن کي شاگرد ناهيو ۽ انهن کي پيءُ ۽ پٽ ۽ پاڪ روح جي نالي سان بپتسما ڏيو." (متي 28: 19)

## بائيبل جي ڪهاڻي – ٻج پوکڻ

تعارف معلومات مهيا ڪري ٿو تہ جيئن توهان کي ڪهاڻي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي.
فلپس مسيح جو پوئلڳ هو جنهن خدا جي بادشاهت جي منادي ڪئي.

**بائيبل جي ڪهاڻي اتان کان شروع ٿئي ٿي. (رسولن جا ڪم 8: 5 _13)**

**ڳولا جو عمل – پاڻي ۾ پاڻ** (ڏسو صفحو نمبر 11)

## وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا – چنڊ چاڻ

(رسولن جا ڪم 2 :38, رسولن جا ڪم 18: 8, رومين 6: 4 _ 5, ڪلسين 2: 12, گلتين 3: 27)

## لاڳو ٿيندڙ سوال – فصل جو لابارو (2 تيمتيس 3: 16- 17)

**نتيجو:** بائيبل چوي ٿي تہ مسيحين کي بپتسما لازمي طور وٺڻ کپي ڇو تہ پاڻيءَ ذريعي بپتسما اسان جي دلين جي اها تصوير آهي جيڪا قبول ڪرڻ وقت اپري ٿي. بپتسما ٻين لاءِ هڪ شاهدي آهي تہ اسين يسوع مسيح جا پوئلڳ آهيون.

.......................................................................................................

.......................................................................................................

.......................................................................................................

.......................................................................................................

.......................................................................................................

سبق
2-2

# اسين دنيا جو نور آهيون

دنيا کي ٻڌايو تہ يسوع ڪير آهي.

## سبق جو موضوع – زمين جي تياري

هڪ مسيح اهو آهي جيڪو مسيح يسوع جو پوئلڳ آهي ۽ ان کي دنيا ۾ مسيح کي ظاهر ڪرڻ لاءِ روشني جو ڪم ڪرڻ گهرجي.

**مکيہ حوالو:** "توهين سڄي جهان لاءِ روشني آهيو. جيڪو شهر ٽڪر تي اڏيل آهي اهو لڪي نہ سگهندو. ڪوبہ ماڻهو ڏيئو ٻاري ڍڪڻ هيٺيان نہ ٿو رکي، هو ان کي ڏياٽيءَ تي ٿو رکي جتان گهر جي هر هڪ ياتيءَ کي روشني پهچي ٿي. ساڳئيءَ ريت اوهان جي روشني بہ ماڻهن اڳيان ائين چمڪي جو اهي اوهان جا چڱا ڪم ڏسي، اوهان جو پيءُ، جيڪو آسمان ۾ آهي. تنهنجي واکاڻ ڪن." (متي 5: 14_16)

## بائيبل جي ڪهاڻي – ٻج پوکڻ

تعارف معلومات مهيا ڪري ٿو تہ جيئن ڪهاڻي کي سمجهڻ ۾ توهان جي مدد ٿي سگهي.

يسوع هڪ کوهہ تي ويٺو هو تہ هڪ عورت پاڻي ڀرڻ آئي. يسوع عورت کان پيئڻ لاءِ پاڻي گهريو. يسوع عورت کي چيو تہ هو کيس دائمي زندگيءَ جو پاڻي ڏيئي سگهي ٿو. يسوع ان عورت کي سندس زندگيءَ بابت کي ڳالهيون ٻڌايون جيڪي هوءَ الاهي علم کانسواءِ ڄاڻي نہ ٿي سگهي. يسوع ان عورت تي ظاهر ڪيو تہ هو خدا آهي. عورت يسوع جي ڳالهين تي حيران ٿي ۽ جيڪي ڪجهہ يسوع چيو هو انهن سمورين ڳالهين تي يقين ڪري ورتو.

**بائيبل جي ڪهاڻي اتان کان شروع ٿئي ٿي. (يوحنا 4: 28_ 30، 39_ 42)**

**ٻگولا جو عمل - پاڻي ۽ پاڻ** (ڏسو صفحو نمبر 11)

**وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا – چنڊ چاڻ**

(رسولن جا ڪم 1: 8، مرقس 16: 15 _16، لوقا 11: 33_ 36)

**لاڳو ٿيندڙ سوال – فصل جو لابارو** (2 تيمتيس 3: 16- 17)

**نتيجو:** يسوع دنيا جو حقيقي نور ۽ ڇوٽڪارو ڏيندڙ آهي. يسوع پنهنجن پوئلڳن کي چيو تہ وڃو ۽ وڃي دنيا لاءِ نور ٿيو تہ جيئن ماڻهو ڏسي سگهن تہ هو ڪير آهي.

..........................................................................................

..........................................................................................

..........................................................................................

..........................................................................................

سبق
3-2

# ٻين سان رفاقت رکو

## پنهنجي خلاف گناهہ ڪندڙ کي معاف ڪري ڇڏيو

### سبق جو موضوع ـ زمين جي تياري

يسوع پنهنجن شاگردن کي هدايت ڪئي تہ اهي هڪ ٻئي سان پرامن رهن. مسيح ماڻهن کي هڪ ٻئي سان مهربان رهڻ ۽ جن سندن خلاف گناهہ ڪيو آهي انهن تي رحم ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. هڪ ٻئي سان پرامن رهڻ جو مطلب انهن ماڻهن سان مهرباني سان پيش اچڻ آهي جن توهان کي ڏک پهچايو هجي يا تڪليف ڏني هجي.

**مکيہ حوالو:** "تنهنڪري جيڪڏهن پنهنجو نذرانو قربان گاهن تي آڻي چاڙهين ۽ اتي ياد پوئي تہ تنهنجي ڀاءُ ڀيڻ جو تو ڏانهن ڪو رنج آهي، تہ پنهنجو نذرانو اتي قربان گاهہ اڳيان ڇڏي ڀهريائين وڃي پنهنجي ڀاءُ ڀيڻ سان پرچ پوءِ اچي پنهنجو نذرانو چاڙهہ." (متي 5: 23_ 24)

### بائيبل جي ڪهاڻي ـ ٻج پوکڻ

تعارف معلومات مهيا ڪري ٿو تہ جيئن توهان کي ڪهاڻيءَ کي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي.

يسوع جي شاگردن مان ڪنهن هڪ پڇيو تہ جيڪو هن خلاف گناهہ ڪري تنهن کي ڪيترا ڀيرا معاف ڪرڻ کپي جواب ۾ يسوع هيٺيون مثال ڏنو.

**بائيبل جي ڪهاڻي اتان کان شروع ٿئي ٿي. (متي 18: 23_ 35)**

### ڳولا جو عمل - ٻاڻي ۽ ٻاڻ (ڏسو صفحو نمبر 11)

### وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا - چنڊ چاڻ

(متي 6: 14، لوقا 11: 4، لوقا 17: 3_ 4، 2 ڪرنٿين 2: 5 _ 11، ڪلسين 3: 12 _ 14، افسين 4: 32، مرقس 11: 25_ 26)

### لاڳو ٿيندڙ سوال - فصل جو لابارو (2 تيمتيس 3: 16- 17)

**نتيجو:** "مسيح جي پوئلڳن کي ماڻهن کي معاف ڪرڻ لاءِ سڏايو ويو آهي. جيئن خدا اسان سڀني کي معاف ڪيو آهي. مسيح جي پوئلڳن کي پنهنجي آس پاس رهندڙ ماڻهن سان پرامن رهڻ جون هدايتون ڪيون آهن.

.......................................................................................................................................

.......................................................................................................................................

.......................................................................................................................................

.......................................................................................................................................

.......................................................................................................................................

سبق
4-2

# زنا ڪاري نہ ڪريو

ٻين کي خراب نظر سان نہ ڏسو

## سبق جو موضوع - زمين جي تياري

يسوع پنهنجي شاگردن کي زنا ڪاريءَ کان منع ڪيو. يسوع سيکاريو تہ ڪنهن کي خراب نظر سان ڏسڻ بہ گناهہ آهي.

**مکيہ حوالو**: "توهين ٻڌي چڪا آهيو تہ چيو ويو هو تہ زنا نہ ڪجئُ پر آئون توهان کي چوان ٿو تہ جنهن ڪنهن خراب خواهش سان عورتن تي نظر وڌي تہ جڻ هو پنهنجي دل ۾ ساڻس زنا ڪري چڪو." (متي 5: 27_28)

## بائيبل جي ڪهاڻي - ٻج پوکڻ

تعارف معلومات مهيا ڪري ٿو تہ جيئن توهان کي ڪهاڻيءَ کي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي.

دائود اسرائيل جو هڪ نهايت مشهور بادشاهہ هو. دائود هڪ عورت کي وهنجهندي ڏسي ورتو ۽ ان کي دل ڏيئي وينو. اها عورت دائود جي فوج جي هڪ سپہہ سالار جي زال هئي. ان جو نالو حتي اورياہ هو. دائود پنهنجن نوڪرن کي چيو تہ ان عورت کي آڻيو. اها عورت پوءِ دائود مان پيٽ سان ٿي ويئي. تڏهن دائود اورياہ کي جنگ تي اماڻيو جيڪو پوءِ جنگ ۾ مارجي ويو. خدا ناخوش ٿيو. خدا هڪ نبي جنهن جو نالو ناتن هو دائود ڏانهن اماڻيو.

بائيبل جي ڪهاڻي اتان کان شروع ٿئي ٿي. (2 سموئيل 12: 1_9)

## ٻگولا جو عمل - پاڻي ۽ پاڻ (ڏسو صفحو نمبر 11)

## وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا - چنبڇاڻ

خروج 20 :14, عبراني 13 :4, افسين 5: 3_ 5, 1 ڪرنٿين
6: 13_ 20, ڪلسين 3: 1_ 11, 1 ٿسلونيڪين 4: 3_8 مثل 6: 32)

## لاڳو ٿيندڙ سوال - فصل جو لابارو (2 تيمتيس 3: 16- 17)

**نتيجو**: زنا ڪاري شادي شده ناتن سان بيوفائي آهي. خدا جي نظر ۾ زنا ڪاري گناهہ آهي. يسوع پنهنجي شاگردن کي هدايت ڪئي تہ اهي جنسي بداخلاقي نہ ڪن. يسوع سيکاريو تہ خراب خيال بہ زنا ڪاري جي برابر آهي.

............................................................

............................................................

............................................................

............................................................

............................................................

سبق
5-2

# شادي خدا لاءِ پاڪ آهي

خدا کي طلاق کان نفرت آهي

## سبق جو موضوع – زمين جي تياري

يسوع سيکاريو تہ شادي شده تعلقات پاڪيزد ۾ خدا لاءِ تمام گھڻا اهم آهن.

**مکيہ حوالو:** ”پر آئون توهان کي سچ ٿو چوان تہ جيڪو بہ پنهنجي زال کي زنا جي ڏوهہ سبب کانسواءِ طلاق ٿو ڏي سو جڻ تہ ان کي زناڪار ٿو ڪري ۽ جيڪو ان طلاق ڏنل عورت سان پرڻبو سو بہ زنا ڪار ٿيندو.“ (متي 5: 32)

## بائيبل جي ڪهاڻي – ٻج پوکڻ

تعارف معلومات مهيا ڪري ٿو تہ جيئن ڪهاڻيءَ کي سمجهڻ ۾ توهان جي مدد ٿي سگهي.

يسوع جي پنيان ماڻهن جو ميڙ هوندو هو ڇو تہ هو انهن کي شفا ۽ تعليم ڏيندو هو. فريسي بہ ڪائنس ڪيترائي سوال پڇڻ آيا. يهودي مذهب ۾ فريسي يهودي هڪ مذهبي اڳواڻ هوندو آهي. فريسي ڪيترن ئي قانونن تي عمل ڪندا هئا. جيڪي خدا موسيٰ کي ڏنا هئا. موسيٰ اهو شخص هو جنهن يسوع جي پيدائش کان اڳ اسرائيل جي ماڻهن جي رهنمائي ڪئي هئي.

**بائيبل جي ڪهاڻي اتان کان شروع ٿئي ٿي. (متي 19: 3_ 9)**

**ڳولا جو عمل – پاڻي ۽ پاڻ** (ڏسو صفحو نمبر 11)

**وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا – چنب چاڻ**

(افسين 5: 21_28, پيدائش 2: 20_24, 1 ڪرنٿين7)

**لاڳو ٿيندڙ سوال – فصل جو لابارو** (2 تيمتيس 3: 16- 17)

**نتيجو:** شادي خدا جي تخليق ۽ خدا لاءِ پاڪ آهي. مسيح جا پوئلڳ پنهنجي شاديءَ کي قائم رکڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪن.

.............................................................................................................................................

.............................................................................................................................................

.............................................................................................................................................

.............................................................................................................................................

.............................................................................................................................................

سبق
6-2

# نا انصافيءَ جو جواب

## محبت جو مثال بڻجي جيئو

### سبق جو موضوع – زمين جي تياري

يسوع پنهنجن شاگردن کي سيکاريو ته بي انصافيءَ جو جواب ڪيئن ڏجي. يسوع پنهنجن شاگردن کي ٻڌايو ته جيڪي سندن خلاف ڳالهيون ڪن ٿا. انهن کان بدلو نه وٺڻ کپي. يسوع چيو ته مسيحين کي سمورن ماڻهن لاءِ محبت ۽ رحم دلي جو سٺو مثال ٿي جيئڻو آهي.

مکيه حوالو: ”پر آئون توهان کي چوان ٿو ته جيڪو توهان سان بڇڙائي ڪري تنهن کان بدلو نه وٺو پر جيڪڏهن ڪو اوهان کي ڳل تي چماٽ هڻي ته ان کي ٻيو ڳل به ڦيرائي ڏيو. جيڪڏهن ڪو ماڻهوپهراڻ وٺڻ لاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس ڪرڻ گهري ته ان کي پنهنجو ڪوٽ به ڏيئي ڇڏيو. جيڪو توکي بيگناهه ۾ هڪ ڪلوميٽر وٺي وڃي. تنهن سان تون ٻه ڪلوميٽر وڃ.“ (متي 5: 39_41)

### بائيبل جي ڪهاڻي – ٻج پوکڻ

تعارف معلومات مهيا ڪري ٿو ته جيئن توهان کي ڪهاڻي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي.

يهوداه يسوع جي شاگردن مان هڪ هو. مذهبي اڳواڻ يسوع کي قتل ڪرڻ گهرندا هئا. يهوداه پئسن خاطر يسوع کي دوکو ڏنو. يسوع يهوداه کانسواءِ سمورن شاگردن سان ڳالهيون ڪندو رهيو. يسوع کي خبر هئي ته يهوداه ڪيس دوکو ڏيڻ اچي رهيو آهي.

بائيبل جي ڪهاڻي اتان کان شروع ٿئي ٿي. (لوقا 22: 47_53)

### ڳولا جو عمل – پاڻي ۾ پاڻ (ڏسو صفحو نمبر 11)

### وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا – چنب چاڻ

(لوقا 6: 32, افسين 5: 1_2, رومين 12: 17_21), يوحنا 4: 7 _ 8, يوحنا 13: 34, مرقس 12: 28_31, 1 پطرس 1: 22,
1 يوحنا 3: 11, 1 ڪرنٿين 4: 12, 1 پطرس 3: 9, 2 ڪرنٿين 12: 10)

### لاڳو ٿيندڙ سوال – فصل جو لابارو (2 تيمتيس 3: 16- 17)

**نتيجو:** يسوع پنهنجن شاگردن کي ٻڌايو ته جيڪڏهن ڪو سندن لاءِ بڇڙائيين وارو منصوبو ناهي ٿو ته هو ان کان بدلو نه وٺن. يسوع جا پوئلڳ ٻين ماڻهن جي پيٺ ۾ حالتن جو ڏار نموني جواب ڏيندا آهن. چو ته ڪين يسوع جي محبت جي خبر آهي. يسوع چيو ته مسيحين کي سمورن ماڻهن لاءِ محبت ۽ رحم دليءَ جو سٺو مثال بنجي جيئڻ کپي.

سبق
7-2

# پنهنجي دشمنن سان محبت ڪريو

خدا سمورن ماڻهن سان پيار ڪري ٿو.

## سبق جو موضوع – زمين جي تياري

يسوع پنهنجن شاگردن کي سيکاريو تہ پنهنجن دشمنن سان محبت ڪريو ۽ انهن لاءِ دعا گهرو. يسوع چيو تہ جيڪي توهان سان سٺو سلوڪ نہ ٿا ڪن انهن سان محبت ڪرڻ مشڪل آهي. يسوع پنهنجن شاگردن کي ٻڌايو تہ اهي ٻين ماڻهن کان مختلف آهن ڇو تہ ڪين انهن سان محبت ڪرڻي آهي جن سان محبت ڪرڻ ڏکيو آهي.

**مکيہ حوالو**: ”پر آئون توهان کي چوان ٿو تہ پنهنجن دشمنن سان محبت ڪريو ۽ پاڻ کي ستائڻ وارن لاءِ دعا ڪريو تہ جيئن توهين پنهنجي پيءُ، جيڪو آسمان تي آهي جا پٽ سڏايو. ڇو تہ اهو پنهنجي سج کي نيڪ ۽ بد ٻنهي مٿان چمڪائيندو آهي ۽ سڌي رستي تي هلندڙ ۽ نہ هلندڙ ٻنهي تي مينهن وسائي ٿو.“ (متي 5: 44_ 45)

## بائيبل جي ڪهاڻي – ٻج پوکڻ

تعارف معلومات مهيا ڪري ٿو تہ جيئن توهان کي ڪهاڻي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي.

جڏهن يسوع هن دنيا ۾ رهندو هو تہ سندن ڪيترائي دشمن هئا جيڪي يسوع کان نفرت ڪندا هئا. انهن دشمنن يسوع کي اذيتون ڏنيون ۽ ماري ڇڏيو.

**بائيبل جي ڪهاڻي اتان کان شروع ٿئي ٿي. (لوقا 23: 26_27، 32_ 43)**

## ڳولا جو عمل - پاڻي ۾ پاڻ (ڏسو صفحو نمبر 11)

## وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا – چنڊ چاڻ

(مرقس 12: 28 _ 31، يوحنا 13: 34، رومين 12: 17_ 21، لوقا 6: 27_ 38)

## لاڳو ٿيندڙ سوال – فصل جو لابارو (2 تيمٿيس 3: 16- 17)

**نتيجو**: يسوع اسان کي سيکاريو تہ پنهنجي ستائڻ واري سان بہ محبت ڪريو ۽ انهن لاءِ دعا گهرو. يسوع انهن لاءِ بہ رحم ڏيکاريو جن کيس اذيت ڏني ۽ قتل ڪري ڇڏيو. يسوع جي پوئلڳن کي پنهنجي دُشمن کي بہ اهڙوئي جواب ڏيڻ کپي جيئن يسوع ڏنو.

.............................................................................................................................................

.............................................................................................................................................

.............................................................................................................................................

.............................................................................................................................................

.............................................................................................................................................

سبق
8-2

# ٻين کي ڏيو

## خدا ضرورتمندن جو خيال رکي ٿو

### سبق جو موضوع - زمين جي تياري

يسوع پنهنجن شاگردن کي سيکاريو تہ ضرورتمندن جو خيال رکن. يسوع جا پوئلڳ بازارن جي چوواٽن تي ويهي ضرورتمندن کي ان لاءِ ان ڏيندا هئا جو آسپاس جا ماڻهو کين ڏسن. جڏهن مسيحي ضرورتمندن کي لڪ ۾ ڪجهہ ڏين ٿا تہ کين خدا ڏسي رهيو هوندو آهي ۽ اهو ئي کين آسمان تي اجر ڏيندو.

مکيہ حوالو: ”۽ جڏهن تون خيرات ڪرين تہ جيڪو تنهنجو ساڄو هٿ ڪري پيو تنهن جي کاٻي هٿ کي خبر نہ پوي تہ جيئن تنهنجي خيرات لِڪل رهي. ان صورت ۾ تنهنجو پيءُ جيڪو لڪيل حالت ۾ ڏسي سگهي ٿو توکي بدلو ڏيندو.“ (متي 6: 3_ 4)

### بائيبل جي ڪهاڻي - ٻج پوکڻ

تعارف معلومات مهيا ڪري ٿو تہ جيئن توهان کي ڪهاڻي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي.

يسوع جي شاگردن پڇيو تہ هن دنيا جي آخر ۾ ڇا ٿيندو. يسوع پنهنجن شاگردن کي ٻڌايو تہ دنيا جي آخر ۾ اهو بادشاهہ ٿيندو جيڪو دنيا جو انصاف ڪندو.

**بائيبل جي ڪهاڻي اتان کان شروع ٿئي ٿي. (متي 25: 32_ 46)**

**ٻڪولا جو عمل - پاڻي ۽ پاڻ** (ڏسو صفحو نمبر 11)

**وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا - چنڊ ڇاڻ**

(1 مثل 19: 17، 1 مثل 28: 27، زبور 28: 3، متي 5 : 42، متي 19: 21، يرمياہ 22: 3)

**لاڳو ٿيندڙ سوال - فصل جو لابارو** (2 تيمتيس 3: 16- 17)

**نتيجو:** يسوع ضرورتمندن جو خيال رکندو هو. يسوع پنهنجن شاگردن کي ضرورتمندن کي ڏيڻ جي هدايت ڪئي، جيڪي ٻين کي ڏين ٿا يسوع انهن کي انعام ڏيندو.

.............................................................................................................................................

.............................................................................................................................................

.............................................................................................................................................

.............................................................................................................................................

.............................................................................................................................................

سبق
9-2

# دُعا

خدا سان ڳالهائڻ ۽ خدا جي ڳالهه ٻڌڻ

## سبق جو موضوع – زمين جي تياري

يسوع پنهنجن شاگردن کي سيکاريو ته اهي هميشه دعا ڪن. دُعا خدا سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ۽ خدا جي ڳالهه ٻڌڻ آهي. اسين جڏهن دعا گهرون ٿا ته خدا اسان جي ٻڌي ٿو.

**مکيه حوالو**: ”پر جڏهين اوهين دعا گهرو ته پنهنجي ڪمري جا دروازا بند ڪري پنهنجي پيءُ کان دعا گهرو جيڪو ڳجهه ۾ آهي. اوهان جو پيءُ جيڪو اوهان جا ڳجها ڪم ڏسي ٿو سو اوهان کي ان جو اجر ڏيندو.“ (متي 6:6)

## بائيبل جي ڪهاڻي – ٻج پوکڻ

تعارف معلومات مهيا ڪري ٿو ته جيئن توهان کي ڪهاڻي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي.
هڪ انصاف نه ڪندڙ بادشاهه هيرو ديس مسيحين ڪان نفرت ڪندو هو. هيرو ديس مسيحيت سان تعلق رکندڙ ماڻهن کي قتل ڪرائڻ شورع ڪيو. سپاهين ڪليسيا جي هڪ اڳواڻ پطرس کي گرفتار ڪري ورتو ۽ هو کيس قتل ڪرڻ چاهيندا هئا.

بائيبل جي ڪهاڻي اتان کان شروع ٿئي ٿي. (رسولن جا ڪم 12: 5_ 17)

**ڳولا جو عمل – پاڻي ۽ پاڻ** (ڏسو صفحو نمبر 11)

**وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا – چنب چاڻ**

(يرمياه 29: 12، متي 5: 44، متي 7: 11، 2 تاريخ 7: 14، زبور 32: 5_ 11، يرمياه 42: 3، 1 ٿسلونيڪين 5: 17)

**لاڳو ٿيندڙ سوال – فصل جو لابارو** (2 تيمتيس 3: 16- 17)

**نتيجو**: يسوع پنهنجن شاگردن کي دعا گهرڻ سيکاريو. توهين جڏهن دعا گهرو ٿا ته خدا توهان جي ٻڌي ٿو. يسوع ضرورت جي وقت دعا گهرڻ جو چيو آهي. اسين جڏهن دعا گهرون ٿا ته معجزي واريون ڳالهيون ٿين ٿيون.

..........

..........

..........

..........

..........

سبق
10-2

# آسمان تي خزانو گڏ ڪريو

پنهنجين شين ۽ پنهنجن زندگيءَ سان خدا ڪي عزت ڏيڻ.

## سبق جو موضوع – زمين جي تياري

جيڪي ماڻهو آسمان تي انعام حاصل ڪندا. ان جو دارومدار ان ڳالهه تي آهي تہ اهي پنهنجين زميني شين ۽ پنهنجي زندگيءَ سان ڪيئن ٿا خدا کي عزت ڏين. مسيح جي پوئلڳن کي آسمان ۾ اهو انعام وٺڻ لاءِ جيئڻ کپي.

**مکيہ حوالو**: "اوهين پنهنجي لاءِ خزانو هن دنيا ۾ گڏ نہ ڪريو. جتي ڪينئان ۽ ڪَٽ انهن کي تباهہ ڪن ٿا ۽ چور ڪاٽ هڻي چوري ڪن ٿا. پر پنهنجو خزانو بهشت ۾ گڏ ڪريو. جتي نہ ڪينئان ۽ نہ ئي ڪَٽ ڪيس تباهہ ڪري سگهي ٿي ۽ نہ چور ڪاٽ هڻي چورائي سگهن ٿا. ڇو تہ جتي توهان جو خزانو هوندو توهان جي دل بہ اتي ئي هوندي." (متي 6: 19 _ 21)

## بائيبل جي ڪهاڻي – ٻج پوکڻ

تعارف معلومات مهيا ڪري ٿي، تہ جيئن توهان کي ڪهاڻي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي.
يسوع لعزر جي گهر ماني کائي رهيو هو. جنهن کي هن موت جي منهن مان واپس آندو هو. مهمانن ۾ لعزر ۽ لعزر جون ڀيڻون مرٿا ۽ مريم ۽ شاگرد شامل هئا.

**بائيبل جي ڪهاڻي اتان کان شروع ٿئي ٿي.** (يوحنا 12: 1_8)

## ٻوڙا جو عمل – پاڻي ۽ پاڻ (ڏسو صفحو نمبر 11)

## وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا – چنڊ چاڙ

(1 تيمٿيس 6: 17_ 19، لوقا 12: 32_ 34، 1 ڪرنٿين 3: 10 _ 17)
مرقس 8: 34_ 38)

## لاڳو ٿيندڙ سوال – فصل جو لابارو (2 تيمٿيس 3: 16- 17)

**نتيجو**: يسوع اسان کي اهو ڪم ڪرڻ لاءِ چيو آهي جيڪو ابدي آهي. خدا انهن کي انعام ڏيندو جيڪي پنهنجين جانين ۽ ملڪيت سان ان کي جلال ڏين ٿا.

..........

..........

..........

..........

..........

سبق
11-2

# ڳڻتي نہ ڪريو

خدا توهان کي ڄاڻي ٿو ۽ ان کي توهان جي ضرورت جو فڪر آهي.

## سبق جو موضوع – زمين جي تياري

يسوع چوي ٿو تہ ڪيس اسان جي جانين جي ڳڻتي آهي ۽ اسانجي مشڪلاتن ۾ هو اسان جي مدد ڪندو. تنهنڪري جڏهن اسان کي پنهنجين زندگين بابت ڳڻتي هوندي آهي تہ جڙ اسين يسوع تي ڀروسو نہ ٿا ڪريون.

**مکيہ حوالو:** "تنهنڪري سڀاڻي لاءِ ڪابہ ڳڻتي نہ ڪريو ڇو تہ سڀاڻي وارو ڏينهن پنهنجي لاءِ پاڻ ڳڻتي ڪندو. اڄ لاءِ اڄوڪو ڏک ئي ڪافي آهي." (متي 6: 34)

## بائيبل جي ڪهاڻي – ٻج پوکڻ

تعارف معلومات مهيا ڪري ٿو تہ جيئن توهان کي ڪهاڻي جي سمجهڻ ۾ مدد ڪري سگهي.

يسوع ڍنڍ جي ڪناري پنهنجن شاگردن سان گڏ هو. هن جا گهڻا شاگرد ڪنهن وقت ان ڍنڍ تي مڇيون پڪڙڻ جو ڪم ڪري چڪا هئا.

بائيبل جي ڪهاڻي اتان کان شروع ٿئي ٿي. (مرقس 4: 35_ 41)

**ڳولا جو عمل – پاڻي ۽ ڀاڻ** (ڏسو صفحو نمبر 11)

**وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا – چنڊ ڇاڻ**

(1 مثل 3: 5 _ 6, لوقا 12: 22_ 25, عبرانين 11: 8_ 12, گلتين 2: 20, 1 پطرس 1: 21)

**لاڳو ٿيندڙ سوال – فصل جو لاڀارو** (2 تيمتيس 3: 16- 17)

**نتيجو:** يسوع کي اسان جي زندگيءَ جي هر پهلوءَ بابت فڪر آهي. اسان کي مٿس ايمان ۽ ڀروسو رکڻو آهي.

.................................................................................................

.................................................................................................

.................................................................................................

.................................................................................................

.................................................................................................

سبق
12-2

# ٻين جا انصاف ڪندڙ نہ ٿيو

خدا پاڻ انصاف ڪندڙ آهي.

## سبق جو موضوع – زمين جي تياري

ٻين ماڻهن جو انصاف ڪرڻ غلط ڳالهہ آهي. ڇو تہ اسين سڀ گناهگار آهيون ۽ صرف خدا ئي ايمانداريءَ سان انصاف ڪري سگهي ٿو.

**مکيہ حوالو:** "ٻين کي ڏوهي نہ ٺهرايو تہ توهان کي بہ ڏوهي نہ ٺهرايو ويجي. ڇا لاءِ جو جيئن توهان ٻين کي ڏوهي ٺهرائيندا تيئن اهو بہ توهان کي ڏوهي ٺهرائيندو ۽ جيئن اوهين ٻين کي ماپي ڏيندا تہ ساڳئي ماپ سان اوهان کي بہ ماپي ملندو. توهين ڪنهن ڀائي جي اک جو ڪک ڇو ٿا ڏسو ۽ پنهنجي اک ۾ جيڪو شهتير پيل اٿوَان جو خيال ڇو نہ ٿا ڪريو؟" (متي 7: 1 _ 3)

## بائيبل جي ڪهاڻي – ٻج پوکڻ

تعارف معلومات مهيا ڪري ٿو تہ جيئن توهان کي ڪهاڻيءَ کي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي.

فريسي مذهبي قانونن کي ڄاڻيندا هئا ۽ کين ڪپندو هو تہ اهي انهن مذهبي قانونن تي عمل ڪرائڻ جي خاطري ڪن.

بائيبل جي ڪهاڻي اتان کان ئي شروع ٿئي ٿي. (يوحنا 8: 2 _ 11)

**ڳولا جو عمل – پاڻي ۽ پاڻ** (ڏسو صفحو نمبر 11)

**وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا – ڇنڊ ڇاڻ**

(يعقوب 4: 12, يوحنا 8: 14_ 18, 1 ڪرنٿين 4: 3_ 5, لوقا 6: 37)

**لاڳو ٿيندڙ سوال – فصل جو لابارو** (2 تيمٿيس 3: 16- 17)

**نتيجو:** خدا هڪ سچو انصاف ڪندڙ آهي. ماڻهو ايمانداريءَ سان انصاف ڪرڻ جي قابل نہ آهن.

.............................................................

.............................................................

.............................................................

.............................................................

.............................................................

سبق
13-2

# گهرو، ڳوليو ۽ کڙڪايو

خدا لڳاتار دعا جو جواب ڏي ٿو.

## سبق جو موضوع - زمين جي تياري

يسوع سيکاريو تہ جڏهن اسين لڳاتار گهرون، ڳوليون ۽ کڙ ڪايون ٿا تہ هو جواب ڏيندو آهي. خدا سان اسانجي تعلقات سبب اسين خدا کان لڳاتار گهري سگهون ٿا. ڪنهن وقت اسان جي دعائن جو جواب بر وقت نٿو ملي.

**مکيہ حوالو:** ”گهرندا تہ توهان کي ملندو، ڳوليندا تہ لهندو، دروازو کڙ ڪائيندا تہ توهان جي لاءِ کوليو ويندو. ڇو تہ جيڪو گهري ٿو تنهن کي ملي ٿو ۽ جيڪو ڳوليندو آهي تنهن کي لهندو آهي. جيڪو کڙڪائي ٿو تنهن لاءِ ئي کوليو ويندو.“ (متي 7:7 - 8)

## بائيبل جي ڪهاڻي - ٻج پوکڻ

تعارف معلومات مهيا ڪري ٿو تہ جيئن توهان کي ڪهاڻيءَ کي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي.
يسوع پنهنجن شاگردن کي اهو سيکارڻ لاءِ تہ کين هميشہ دعا ڇڏڻ نہ گهرجي هڪ مثال ڏنو.

**بائيبل جي ڪهاڻي اتان کان شروع ٿئي ٿي. (لوقا 18: 2 - 8)**

**ٻولا جو عمل - پاڻي ۽ پاڻ** (ڏسو صفحو نمبر 11)

**وڌيڪ مطالعي لاءِ حوالا - چنبا ڇاڻ**

(1 يوحنا 3: 21 - 22، 1 يوحنا 5: 14 - 15، عبرانين 4 - 16، يعقوب 4: 2 - 3، يعقوب 5: 16، افسين 6: 18، ڪلسين 4: 12)

**لاڳو ٿيندڙ سوال - فصل جو لابارو** (2 تيمتيس 3: 16- 17)

**نتيجو:** يسوع اسان کي سيکاريو تہ اسان کي دل نہ هارڻ کپي بلڪ مستقل مزاجيءَ سان لڳاتار دعا گهرڻ گهرجي. جڏهن اسين لڳاتار دعا گهرون ٿا تہ پوءِ خدا اسان جو آواز ٻڌي جواب ڏي ٿو.

........................................................................................................................

........................................................................................................................

........................................................................................................................

........................................................................................................................

........................................................................................................................

**سبق سيٽ نمبر** (3)

# پٽيون

## ڀرپور زندگي

” چور رڳو ان مطلب لاءِ اچي ٿو ته چوري ڪري، ماري ۽ برباد ڪري پر آئون ان لاءِ آيو آهيان ته ڪين زندگي ملي. بلڪ ڀرپور زندگي ملي.“ (يوحنا 10:10)

---

**سبق:** | **صفحو نمبر**


| | | |
|---|---|---|
| 1-3 | **يسوع جي پويان هلو** | 49 |
| | يسوع پويان هلڻ لاءِ سڏي ٿو. | |
| 2-3 | **يسوع جي پويان هلو** | 50 |
| | يسوع جي پويان هلڻ لاءِ ان ۾ اميد ۽ ڀروسو کپي | |
| 3-3 | **يسوع جي پويان هلو** | 51 |
| | يسوع جي پويان هلڻ وارا ٻين ماڻهن تائين پهچن ٿا. | |
| 4-3 | **ٻين کي يسوع جي باري ۾ ٻڌايو** | 52 |
| | يسوع جي پويان هلڻ لاءِ ٻين ماڻهن جي رهنمائي ڪرڻ. | |
| 5-3 | **ٻين کي يسوع جي باري ۾ ٻڌايو** | 53 |
| | ٻين ماڻهن کي خوشخبري ٻڌائڻ. | |
| 6-3 | **ٻين کي يسوع جي باري ۾ ٻڌايو** | 54 |
| | ڪيترائي ماڻهو خوشخبري ٻڌڻ لاءِ تيار آهن. | |
| 7-3 | **خدا سان محبت ڪرڻ** | 55 |
| | خدا سان ناتو سڀ کان اهم ڳالهه | |
| 8-3 | **خدا سان محبت ڪرڻ** | 56 |
| | سٺي ريڍار کي ڄاڻڻ | |
| 9-3 | **خدا سان محبت ڪرڻ** | 57 |
| | مسيح جي ٻين پوئلڳن سان گڏجي رهڻ | |
| 10-3 | **خدا سان محبت ڪرڻ** | 58 |
| | دنيا لاءِ نور ٿيڻ | |
| 11-3 | **شاگرد ٺاهڻ** | 59 |
| | منهنجون رڍون چار | |
| 12-3 | **شاگرد ٺاهڻ** | 60 |
| | شاگرد ٺاهڻ ۾ ته يسوع اسان سان گڏ آهي. | |
| 13-3 | **شاگرد ٺاهڻ** | 61 |
| | ايماندارن کي همٿائڻ ۽ مضبوط ڪرڻ | |

سبق
1-3

# يسوع جي پويان هلو

يسوع پويان هلڻ لاءِ سڏي ٿو.

